
دادا سنڌي
تاريخي ماڻهو - تاريخي ڳالهيون
QAZI

# تاريخي ماڻهو تاريخي ڳالهيون

[ سنڌ جي عظيم مدبرن ۽ عالمن جو جيونيون ]

## دادا سنڌي

سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد سنڌ
1992ع

ڪمپوزنگ : قاسم سومرو

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

( سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ )

## سنڌ تحقيقي بورڊ جو ڏھون ڪتاب

ڪتاب جو نالو:..... ...... تاريخي ماڳھو، تاريخي ڳالھيون

موضوع : ....... ....... تاريخ

ليکڪ : ....... ....... دادا سنڌي

ڇاپو :....... ....... پھريون جولاءِ 1992ع

قيمت - 20 ( ويھہ روپيہ)

## انتساب

محترم ادل سومري جي نالي
جنهن نثر ۽ نظم ۾ سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ وڏو واڌارو ڪيو آهي.

**دادا سنڌي**

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”تاريخي ماڻهو تاريخي ڳالهيون“** اوهان اڳيان پيش آهي. هن ڪتاب جو ليکڪ ناميارو تاريخدان ۽ محقق **دادا سنڌي** آهي. ٻارن لاءِ لکيل هن ڪتاب ۾ سنڌ جي 21 عظيم مدبرن ۽ عالمن جو جيونيون شامل آهن.

دادا سنڌي نہ رڳو، وڏن لاءِ لکيو آهي پر سنڌي ٻارن کي سنڌ سان روشناس ڪرائڻ ۽ سنڌي مشاهيرن بابت ڄاڻ جو بار بہ پنهنجن ڪلهن تي کنيو آهي. ان ڏس ۾، سندن ڪتاب ”سنڌ جو تاريخي ڳالهيون“ وڏي مجتا ماڻي چڪو آهي. هي ڪتاب ”تاريخي ماڻهو، تاريخي ڳالهيون “ پڻ ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، جو اميد تہ ننڍين سان گڏ وڏن کي بہ پسند پوندو. هن ڪتاب جو هر ڪردار سنڌ جي تاريخ ۽ ساهت جو هڪ مڪمل باب آهي. ان ۾ شامل هر ماڻهو، موتي داڻو آهي. هر انسان، مثالي انسان اهي.

هي ڪتاب 1992ع ۾ سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري دوست محمد قاسم سومري جا جنهن ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪليو.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهہ وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست


| سيريل نمبر | موضوع | صفحو |
|---|---|---|
| 1 | انتساب | 4 |
| 2 | ٻه اکر | 8 |
| 3 | تعارف | 9 |
| 4 | مهاڳ | 11 |
| 5 | چانکيه پنڊت | 13 |
| 6 | حڪيم صالح سنڌي | 15 |
| 7 | شيخ خضر رح | 17 |
| 8 | مائي چوچڪ بيگم | 19 |
| 9 | مريد جت | 21 |
| 10 | شاهه عنايت شهيد | 23 |
| 11 | مخدوم محمد هاشم ٺٽوي | 25 |
| 12 | نواب ولي محمد لغاري | 27 |
| 13 | روپلو ڪولهي | 29 |
| 14 | سيد صبغت الله شاهه | 31 |
| 15 | هيمون ڪالاڻي | 34 |
| 16 | حسن علي آفندي | 36 |
| 17 | جمشيد نسروانجي | 39 |
| 18 | ديوان ڏيارام گدومل | 41 |
| 19 | مائي ڄيٺي سپاهيملاڻي | 43 |
| 20 | حيدربخش جتوئي | 45 |

| | | |
|---|---|---|
| 21 | علامه آءِ آءِ قاضي | 48 |
| 22 | پير حسام الدين راشدي | 51 |
| 23 | ڪامريڊ غلام محمد لغاري | 54 |
| 24 | محمد عثمان ڏيپلائي | 57 |
| 25 | غلام رسول ڪيهر | 59 |
| 26 | ڪتابيات | 62 |

## ٻه اکر

سنڌ جي عظيم سپوتن تي، دادا سنڌيءَ جو هيءُ ڪتاب ”سنڌ تحقيقي بورڊ“ جو ڏهون ڪتاب آهي. جيڪو ڪتاب سنڌ جي نوجوان نسل جي رهنمائي ڪرڻ ۽ انهن کي پنهنجي عظيم سپوتن بابت معلومات ڏيڻ ۾ ڪو ڪردار ڪري سگهيو ته اداري کي خوشي حاصل ٿيندي.

**ناز سنائي**

# تعارف

سنڌي تاريخ جا ڄاڻو، عالم ۽ لکندڙ، روز بروز ائين گهٽبا پيا وڃن، جيئن سنڌ اندر فارسي دانن جو قحط وڌندو رهي ٿو. حالانڪ سنڌ جي يونيورسٽين، ڪاليجن ۽ اسڪولن جو تعداد جيئن وڌي رهيو آهي. ان حساب سان پنهنجي تاريخ جا ليکڪ ۽ شارح وڌڻ کپن ها. ان حساب سان پنهنجي تاريخ جا ليکڪ ۽ شارح وڌڻ کپن ها. پر بدقسمتي سان، ٿي ان جي ابتڙ رهيو آهي. اڄ هن ذڪر واري صورتحال ۾، سنڌ جي تاريخ بابت، جيڪي چند ماڻهو سرگرم آهن، لکن ٿا، پڙهن ٿا ۽ تحقيق ڪن ٿا، انهن ۾ دادا سنڌي صاحب جو نالو به نمايان اهميت اختيار ڪري ويو آهي. سنڌ جي اترئين ڇيڙي تي رهندي به، جتي نه ڪتاب ميسر آهن ۽ نه علمي ماحول ۽ نه وري ڪي ادبي مرڪز. سچ ته اهو دادا سنڌي جو دل جگر آهي، جو پاڻ وڏي همت ۽ پختي عزم سان تحقيقي ڪم ۾ مشغول آهي. هيل تائين لاتعداد مقالن کان علاوه اٺن ڪتابن جو مصنف پڻ آهي.

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ، سنڌ جي نصابي ڪتابن ۾ سنڌ جي جاگرافي ۽ تاريخ پڙهائي ويندي هئي ۽ درسي ڪتابن ۾، سنڌي مشاهيرن بابت، سبق شامل ڪيل هوندا هئا. ان ريت سنڌ جي نئين نسل کي آگاهي ڏبي هئي. بدقسمتي سان ان بعد هي صورتحال جاري نه رهي. آهستي آهستي ڪري،نصاب مان سنڌ جو ذڪر ۽ خيال خارج ڪيو ويو. اڄ جي اتفاق سان دودي چنيسر جي ڳالهه، ڪنهن ڪتاب ۾، سبق طور اچي ٿي ته دانهون، ڪوڪون ۽ رڙيون، واڪا، اسيمبلين جي ايوانن ۾ ٻڌجن ٿا. مقصد رڳو هي آهي ته سنڌي ڪتابن ۾ سنڌي بجاءِ هند ۽ سنڌ بجاءِ، علي ڳڙهه جو ذڪر ٿئي. ڄڻ ته دريا خان، هوشو ۽ دودو نه هن ڌرتي جاڄاوا هئا ۽ نه وري انهن جو اسان تي ڪو حق به آهي.

ان ڏکوئيندڙ ۽ دل آزاريندڙ، صورتحال ۾ دادا سنڌي نه رڳو، وڏن لاءِ لکيو آهي پر سنڌي ٻارن کي سنڌ سان روشناس ڪرائڻ ۽ سنڌي مشاهيرن بابت ڄاڻ جو بار به پنهنجن ڪلهن تي کنيو آهي. ان ڏس ۾، سندن ڪتاب "سنڌ جو تاريخي ڳالهيون" وڏي مڃتا ماڻي چڪو آهي. هي ڪتاب "تاريخي ماڻهو، تاريخي ڳالهيون" پڻ ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، جو اميد ته ننڍن سان گڏ وڏن کي به پسند پوندو. هن ڪتاب جو هر ڪردار سنڌ جي تاريخ ۽ ساهت جو هڪ مڪمل باب آهي. ان ۾ شامل هر ماڻهو، موتي داڻو آهي. هر انسان، مثالي انسان اهي. علامه آءِ — آءِ قاضي صاحب، بلاشبه سنڌ جو

روشن ضمير فلسفي هو. ڪامريڊ جتوئي سنڌ جو سچو خادم هو. ملازمت ۽ سياست گڏ نہ ٿيون هلن. جڏهن سنڌ جي سياست ۾ پنهنجي ضرورت سمجهايائين، تڏهن نوڪري کي لت هڻي، ميدان عمل ۾ اچي ويو. جمشيد نسروانجي ۽ ڏيارام گدومل کي سنڌ جي تاريخ مان خارج ڪيو ويو آهي، جا هڪ ڏکوئيندڙ حقيقت آهي. روپلو ڪولهي، غلام محمد لغاري ۽ مسڪين جهان خان ٽر سان گڏ، سنڌ جي اتهاس ۾ وڏو مرتبو رکن ٿا. سيد حسام الدين راشدي راشدي مرحوم پورهيت اديب هو. هن سنڌ جي تاريخ کي جيڪو رخ ڏنو. اهو اسان جهڙن سيڪڙاٽ لکندڙن لاءِ مشغل راهہ آهي. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ حسن علي آفندي جي علم دوستي عالم آشڪار آهي. هيمون ڪالاڻي ۽ سيد صبغت الله بہ حق سچ لاءِ آخرڪار ڦاسي جي ڦندي تي پهتا. مسڪين لاءِ شهيد عنايت جي قرباني وڏي عرصي تائين ياد ڪئي ويندي. مريد جت، مائي ڄيڻي، حڪيم صالح، پنڊت چانڪيہ، شيخ خضر سڀ جا سڀ ڪردار مثلي تي گذريا آهن.

چوندا آهن تہ ٻيا ٽجي مڙس يا ويجهي مڙسن جي پاڙي ۾. ولي محمد لغاري ۽ غلام رسول ڪيهر بلاشڪ مٿير مرد ٿي گذريا آهن. جيسين نواب ولي محمد لغاري زندهہ هو تيسين ميرن جي صاحبي بہ برقرار رهي تہ سنڌ جي آزادي بہ محفوظ. نواب صاحب جيئن ئي فوت ٿيو، تيئن ئي ٽالپرن جي حاڪميت ختم ٿي. خانصاحب غلام رسول ڪيهر جڏهن سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر هو تڏهن مجال آهي، ڪنهن ميمبر کي جو ايوان جو تقدس پائمال ڪري. اڄ جڏهن پاڻ هن جهان ۾ ڪونهي ۽ سنڌ جي حالت بدلجي چڪي آهي، تڏهن سندس ڪوٺ شدت سان محسوس ٿئي ٿي.

دادا سنڌي صاحب، هن سيني ڪردارن تي دل کولي لکيو آهي. پنهنجي سرت ۽ ساڃهہ کي، وڏي همت ۽ سچائي سان پني تي آندو آهي. سندس ٻولي سلوڻي، صاف سٿري ۽ اجائي ٺاهہ ٺوهہ کان آجي آهي. خدا ڪري تہ دادا سنڌي پنهنجي ساٽيهہ سنڌ بابت اجا بہ گهڻو لکي.

**غلام محمد لاکو**
ليڪچرار
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو سنڌ

# مهاڳ

تاريخ کي ماڻهو ٺاهين ٿا، پوءِ جيترو ماڻهو پلو، اوتري ان قوم جي تاريخ پلي. کي ماڻهو پاڻ مري قوم ۾ تاريخ سنوارين ٿا ۽ اهڙي طرح اهي ماڻهو مري به امر ٿي ويندا آهن. انهن جو نالو، قوم جي ٻچي ٻچي جي زبان تي هوندو آهي ۽ ڏاڍي فخر سان سندن ذڪر ڪيو ويندو آهي، اهي ماڻهو اُهي هوندا آهن، جن جو مرڻ ۽ جيئڻ، ملڪ جي ماڻهن لاءِ هوندو آهي. ڌرتي ۽ ڌرتي وارڻ سان پيار، سندن ايمان هوند و آهي.

ٻارو! اوهان روز ڏسو ٿا ته ڪو بس هيٺان مئو، ڪو ٻڏي مئو، ڪو واٽ ويندي مئو، ته ڪو بستري تي ستي مئو، ڪنهن کي ڇتي پٽيو، ته ڪنهن کي ڪک سنگهيو. مرڻو ته اوسر آهي، پٽائي به زندگي کي جر تي ڦوٽو سڏيو آهي. پوءِ هي ٿورڙي حياتي، اهڙي نموني ڇو نه گذارجي جو هتان وڃڻ کان پوءِ به عوام ان کي چڱي نالي سان ياد ڪري. نالو زنده، نه وڏن بنگلن ٺهرائڻ سان ٿئي ٿو، نه وري موٽر ڪارن ۾ چڙهڻ سان ٿئي ٿو. نالو تڏهن ٿئي ٿو، جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجو آرام، پنهنجو مفاد ٻين لاءِ قربان ڪري ٿو. الله جي مخلوق سان پيار ڪري ٿو. اوهان پنهنجي درسي ڪتاب ۾ ابو بن ادهم جي نظم پڙهي هوندي، هن کي خود ڪائنات جي خالق پئي پيار ڪيو، ڇو ته هو الله جي بدن سان پيار ڪندو هو.

منهنجي سنڌ جا پيارا نونهالو! اوهان کي مان سچ ٻڌايان ته، سنڌ اهڙا ته پلوڙ ماڻهو پيدا ڪيا آهن، جن ٻين لاءِ پنهنجو گهر ٻاري ڏياري ڪري ڇڏي. سنڌ جي تاريخ، اهڙن ماڻهن سان پري پئي آهي جيڪي بندن جا بندا ٿيا. پنهنجي لاءِ نه پر ٻين لاءِ جيئرا رهيا اهي ملڪ ۽ ملت جا سچڻ هئا. گهٽگهرا هئا. اهي شير شاهه جا شڪرا نه هئا. اهي پنهنجن جا ويري نه سنڌڙي کي سهتائو ڪيو، پاڻ مري سنڌ کي جيئاري ويا. اهي چوڏاري چمڪات هئا، ڏيئا ڏيئا لات هئا. اڄ اهي اسان وٽ نه آهن، پر انهن جا سونهري ڪارناما ۽ انهن جو اعليٰ ڪردار اسان لاءِ آدرشي ۽ مثالي آهي. مون وٽ ڪتاب ۾ سنڌ جي انهن سڄڻن جو اوهان جي زبان ۾ اوهان سان ذڪر ڪيو آهي اوهان به انهن مان آهيو، اوهان به انهن جي اولاد آهيو، اوهان به هن جنم ڀوميءَ جا سرواڻ آهيو. چوندا آهن ته ” پٽ بنياد تي ويندي آهي“ اوهان

جي رڳن ۾ نسن ۾ انهن بزرگن جو خون ڊوڙي رهيو آهي، جن پنهنجي وطن واسين جي سک ۽ آرام لاءِ تن من ۽ ڌن لٽائي ڇڏيو.

مون هن ڪتابچي ۾ انهن بزرگن جي انسان دوستي، مذهبي رواداري ۽ هر شيءِ ۾ پرين پسڻ واري جذبي کي پيش ڪري اوهان کي ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته انسانيت ڇاکي چئبو آهي ۽ خدمت خلق سان خدا کي ڪيئن راضي ڪبو آهي. مون کي اميد آهي ته اوهان ننڍڙا، جيڪي نفسياتي طور وڏن جي نقل ڪرڻ کي پسند ڪندا آهيو، پاڻ ۾ انهن جهڙو جذبو انگ پيدا ڪري هن ڪوڙهئي ۽ روڳي سماج مان ڪن ڪچرو ڪڍي سنڌ کي خوشحال، سرسبز ۽ سهائو سهانو ڪندا.

**دادا سنڌي**

**دادلغاري**

12 مارچ 1989ع

# چانڪيه پنڊت

گهڻن سالن جي ڳالهه آهي، اٽڪل 322 ق-م جڏهن سڪندر مقدوني، دنيا جي وڏي ۾ وڏي ڌاڙيل ۽ ڦورو حاڪم، هندستان تي حملو ڪيوهو، هو سنڌ ۾ به آيو، پر هتان سيني جا تير کائي ۽ ڏک سهي واپس هليو ويو. تن ڏينهن ۾ چندر گپت، ميدان ۾ آيو. هو هڪ سياح جي حيثيت سان گنگا ماٿري جي علائقي کان پنجاب ۾ آيو ۽ ڪجهه وقت سڪندر جي فوج ۾ به رهيو، جڏهن سڪندر کي هتان ويندو ڏٺائين تڏهن پاڻ ڏندو پٽي ويهي رهيو ۽ هندستان ۾ ذاتي حڪومت قائم ڪيائين پالي پترا کان نند گهراڻي جي راجا کي ٻاهر ڪڍي ساري ايرندي هندستان کي پنهنجي هٿ ۾ ڪيائين. مشرق ۾ پنهنجي هٿ ۾ ڪيائين. مشرق ۾ پنهنجو بنياد مضبوط ڪري، هن پنجاب تي به چڙهائي ڪئي ۽ يوناني فوجين کي هڪالي سيني راجائن کي تابع ڪيو. اهڙي طرح هي پهريون هندي حڪمران هو جنهن ساري هندستان تي راڄ ڪيو.

چندر گپت جي ڏينهن ۾ سنڌ صنعتي، حرفتي ۽ تعليمي لحاظ کان وڏي ترقي ڪئي. ڪاريگرن، مزدورن ۽ پورهيتن کي چڱيون اجرتون ملنديون هيون، ڪو به فرد غريب ۽ بيروزگار ڪونه هو. هن جي دور ۾ تعليم ۽ صحت لاءِ وڏا اسڪول ۽ مڪتب هئا، جتي طب، سياست، فلسفي ۽ ٻين علمن ۽ فنن جي تعليم ڏني ويندي هئي. تعليم جو معيار ايڏو ته بلند هو، جو هڪڙي ماڻهو کي ڪيترن ئي علمي شاخن جي تربيت وٺڻي پوندي هئي. ان وقت جو هڪ سنڌي شاگرد نالي چانڪيا، ننڍپڻ کان ئي هوشيار ۽ علم جو شوقين هو. هو ڌن جو پڪو ۽ ارادي جو مضبوط هو. پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ، هن هر قسم جي تڪليف کي منهن ڏيڻ لاءِ وڏي دل سان مقابلو ڪيو.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته چانڪيا علم حاصل ڪرڻ کان پوءِ، هڪ گهاٽي جهنگ مان لانگهائو ٿيو، واٽ ويندي پيرت جي ڪنڊن جا ٻوٽا هر هر، سندس پيرن کي وڪوڙي تي ويا، هن وڏي ڪوشش ڪئي پر ڪنڊن کان جند ڇڏائي نه پئي سگهيو. آخر هڪ ڏينهن هڪ هنڌ تي ويهي، جهنگ ڏانهن منهن ڪري وڏي واڪي چوڻ لڳو ته ” آءُ چانڪيه آهيان تون هن وقت مون کي تنگ ڪرين ٿو پر ڪو وقت اهڙو به ايندو، جو آءُ وڏي عهدي تي پهچي تنهنجي چڱي طرح خبر وٺندس. “

آخرڪار ڪجهه وقت کان پوءِ چانڪيه چندر گپت جي حڪومت ۾ تمام وڏي عهدي تي پهتو. هڪ دفعي ڪيس جهنگ وارو واقعو ياد آيو، هن عوام کي حڪم ڪيو ڏنو ته ” خاص ضرورت کان وڌيڪ هرڪو پنهنجي گهر ۾ کير جي بچت ڪري، ان مان ڏهي ڄمائي رکي. رعيت حڪم جي پوئواري ڪرڻ شروع ڪئي ۽ ٿورن ڏينهن ۾ گڏ ڪيل ڏهيءَ جو ڪافي ذخيرو موجود ٿي ويو، جيڪو گهڻي وقت رکڻ ڪري ڦٽي ڏپ ڪري ويو. جڏهن اهو سارو ذخيرو ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ميڙي ميڙي چانڪيه وٽ پيش ڪيو ويو، تڏهن هن حڪم ڪيو ته اهو سڄو ذخيرو جهنگ ۾ ٻوٽن جي پاڙن ۾ هاريو وڃي. اها ڦٽل ڏهي، جنهن ۾ تيزابي مادو پيدا ٿي چڪو هو جڏهن ٻوٽن جي پاڙن ۾ پهتو ته سارو جهنگ سڙي صاف ميدان ٿي ويو. هن ميدان تي پوءِ پاٽيٽ ۾ اهم حيثيت حاصل ڪئي. هن ميدان تي پوءِ ٽي وڏيون جنگيون لڙيون ويون، جن برصغير جي رياست جو رخ ئي بدلائي ڇڏيو ۽ ان انقلاب آڻڻ ۾ سنڌي چانڪيه جو هٿ هو. جنهن پنهنجي حڪمت عملي سان ميدان صاف ڪرائي ڇڏيو. هن مان صاف ظاهر آهي ته سنڌ جو هي فرد، طب ۽ سائنس جو ڪيڏو نه ڄاڻو هو، ڪنهن شيءِ جي تيزابي اثر جي ايڏي وڏي ڄاڻ رکڻ، ڪا معمولي ڳالهه نه آهي.

چانڪيه پنڊت هڪ وڏو عالم مصنف به هو، سندس لکيل ڪتاب ارٿا شاستر ( سياست نامو) هڪ اهڙو ڪتاب آهي، جنهن ۾ سياست، حڪمت، طب، جهاز سازي، ملڪي تاريخ، حڪومتي انتظام، آدمشماري ۽ ڪاٽين ڪوٽڻ تي روشني وڌي ويئي آهي. هي ڪتاب افلاطون ۽ ارسطو جي سياسي ۽ سماجي تحريرن جي ڀيٽ ۾ جامع آهي، جنهن ۾ طب، ذاتن ۽ سياست تي به بحث ڪيو ويو آهي. سندس ڪجهه ڳالهيون هيٺ ڏجن ٿيون.

( الف) سياست ۾ اخلاق ڪا به شيءِ نه هوندي آهي، تنهن ڪري ڪنهن تي به ڀروسو نه ڪيو وڃي، عوام کي تڪليفن ۾ وجهڻ سياست آهي.

( ب) شڪ ڪوڙ ۽ عباري ملڪي انتظام کي درست رکڻ لاءِ ڪارائتا آهن.

( ث) شاهي دربار ۽ عام درٻارين، وسيلي ماڻهن جا مقدما ۽ فيصلا ٻڌي، انهن تي مهر جو هٿ ڦيريو وڃي.

سنڌي پنڊت، ماهر طب ۽ سياستدان چانڪيه جو هيءُ ڪتاب پهريون ڀيرو 1905ع ۾ جرمني ۾ ڇپيو.

# حڪيم صالح سنڌي

سنڌ طبيبن جو ڏيهه آهي طب ۾ حڪمت هتان جي رهاڪن جو پراڻو شيوو آهي. سنڌ جي حڪيمن جي ساري دنيا ۾ پنهنجو ڌاڪو ڄمايو، عربستان ۾ به سنڌي طبيبن پنهنجو نالو ڪڍيو، حضرت بيبي عائشه رضه جو علاج هڪ سنڌي طبيب ڪيو. سنڌ جا حڪيم عباسيه دور ۾ تمام گهڻي انداز ۾ عربستان ۾ رهندا هئا، انهن مان ”صالح پٽ ٻلو“ ناليرو طبيب ٿي گذريو آهي.

هڪ ڏينهن خدا جو اهڙو ٿيو جو، بادشاهه سلامت جو سئوٽ ابراهيم پٽ صالح بيمار ٿي پيو. رات جي ماني دسترخوان تي تيار هجي بادشاهه سلامت هٿ ڌوئي ماني ڏانهن هٿ مس وڌايو ته ڪيس خبر پئي ته ابراهيم پوين پساهن ۾ آهي، هارون انهيءَ مهل هڪ رومي طبيب جبرئيل بختيشوع کي حڪم ڏنو ته هاڻي جو هاڻي ابراهيم کي خوش ڪيو وڃي. شاهي طبيب مريض جي طبيعت ڏسي نا اميد ٿي پيو ۽ بادشاهه کي دسترخوان تي ئي جواب ڏيئي ڇڏيائين ته همراهه جو چاڙهو ڪونهي، بس هن کان ماني وسري ويئي ۽ اونڌي منجي ڪري ويهي رهيو. صالح سنڌي بادشاهه جي اها حالت ڏسي چيو ته ”سائين مون کي مريض تپاسڻ جو موقعو ڏنو وڃي“. هارون ڪيس اجازت ڏني، هن بيمار کي تپاسڻ کان پوءِ چيو ته قبل جي اڄ رات ابراهيم ان بيماريءَ ۾ مري وڃي ته منهنجا سڀ غلام آزاد ڪيا وڃن. ساري ملڪيت ضبط ڪري غريبن ۾ ورهائي وڃي ۽ زالون طلاق ڏنل سمجهيون وڃن.“ اهو ٻڌي بادشاهه کي پيٽ ۾ ساهه پيو ۽ هن ماني کاڌي.

صبح جو سج اڀري سنئون ئي نه ٿيو جو روئات جو آواز آيو. خبر پئي ته ابراهيم مري ويو. صالح سنڌي چيو ته ائين ٿي ئي نه ٿو سگهي. اڃي جو ڏسي ته امير امراءَ بادشاهه سلامت سان گڏ ويٺا آهن. تجهيز تڪفين جو بندوبست ٿي رهيو آهي. مردي کي ڌوپ جو دونهون ڏنو پيو وڃي. صالح چيو ته ”بادشاهه سلامت ڪيڏو نه ظالم آهي جو جيئري کي دفنايو پيو وڃي، خدا جو قسم ابراهيم زنده آهي.“ هو بادشاهه سان گڏ مردي وٽ آيا، سنڌي حڪيم نبض ڏسي ابراهيم جي پير ۾ سئي هنئي ته سندس بدن ۾ چر پر پيدا ٿي. ابراهيم چيو ته سائين، ڪڏهن مردي کي به ايذاءَ جو احساس ٿيو آهي، يڪدم هن جي بدن تان موت واريون مليل خوشبوئون هٽايون ويون. سندس ڪفن لهرائي، ڪيس رواجي ڪپڙا پهرائي کٽ تي سمهاريو ويو ته جيئن هو هوش ۾ اچي ته پاڻ کي ڪفن ۾ ڏسي هانءُ نه

ڏاري وجهي. ان کان پوءِ صالح چيو تہ ”مان مريض جو علاج بادشاھ جي روبرو ڪندس“ سنڌي طبيب ڇا ڪيو جو هڪ خالص سنڌي دوا ڇڻڪڻي، گهرائي ڪٽي سنهي ڪري ڪپڙي ۾ ڇاڻي، مريض جي نڪ ۾ وجهي ڦوڪ ڏني. بس سائين ٿوري دير کان پوءِ، ابراهيم چرڻ پرڻ لڳو ۽ بہ ڇڪون ڏيئي سنئون سڌو ٿي ويهي رهيو. بادشاھ سلامت وائڙو ٿي ويو، سندس حيرت ۽ خوشي جي حد ئي نہ رهي ابراهيم کان پڇيائين تہ ڇا ڳالھ آهي؟ هن چيو تہ مان گهري ننڊ ۾ سمهيل هوس تہ خواب ۾ هڪ جانور ڏٺم، جيڪو مون کي مارڻ لاءِ الر ڪري آيو تہ مون ان کي هٿ سان روڪيو تہ هن منهنجي آڱر ۾ چڪ پاتو، جنهن جو اجا تائين ان آڱر ۾ سور اٿم“ انهيءَ واقعي کان پوءِ، ابراهيم ڪيئي سال زندھ رهيو ۽ مهدي عباسيءَ جي ڌيءَ سان، شادي ڪيائين. پڇاڙي ۾ مصر ۽ فلسطين ۾ گورنر بہ ٿي رهيو، سندس وفات مصر ۾ ٿي ۽ هونڏانهن خليفي هارون الرشيد سنڌي طبيب صالح جي پيشہ ورانہ صلاحيت کان متاثر ٿي ڪيس وڏو انعام ڏنو ۽ پنهنجو خاص مقرب مقرر ڪري، پاڻ وٽ شاهي طبيب ڪري رکيو.

# شيخ خضر رحه

سنڌ جي سرزمين جيڪي عالم ۽ بزرگ، عارف ۽ ولي الله پيدا ڪيا آهن، تن مان شيخ خضر رحہ بہ هڪ آهي. پاڻ سيوهڻ جا وينل هئا. پير طريقت، پرهيزگار ۽ تارڪ الدنيا هئا. سندس زهد، تقويٰ ۽ توڪل خدا ان حد ڪي پهتل هئي، جو ساري حياتي ۾ هڪ ڪوڏي بہ گڏ نہ ڪيائون ۽ نہ وري ڪو مال بہ ميڙيائون. هو سيوهڻ جي جبلن ۾ رهندو هو ۽ هڪ تنور منجھ ويهي ذڪر الاهي ڪندو هو، سياري ۽ اونهاري ۾ صرف هڪ گوڏ پڌل هوندي هيس. سندس ڪنهن سان بہ ذاتي دوستي ۽ دشمني ڪانہ هئي، انساني وستي کان ڪوهين ڏور هو جتي سڀ مطلب جا يار رهن ٿا.

هڪ دفعي جي ڳالھ آهي تہ ساڻس سيوهڻ جو حاڪم ملڻ آيو، ڏسي تہ شيخ سخت ڪاڙهي ۾ گرم پٿر تي مراقبو ڪيو ويٺو آهي، بزرگ مٿو ڪڍي ڪائنس پڇيو تہ ” تون ڪير آهين ۽ هت ڇو آيو آهين.“ حاڪم جواب ڏنو تہ ” اوهان جي زيارت لاءِ آيو آهيان، مون تي ڪو ڪم رکو تہ اهو پورو ڪري سعادت حاصل ڪريان.“ شيخ جواب ڏنو تہ ” مون ڪي اهڙو ڪوبہ ڪم ڪونہ سجهي جيڪو اوهان سان واسطو رکندو هجي.“ ڇو تہ شيخ دنيا جي ڏچن ۽ اٽڻي ويهڻي کان بنھ پري هو، ان ڪري دنيا جي حاڪم ۾ بہ، سندس ڪو ڪم نہ هو. وري ڪيس حاڪم عرض ڪيو تہ شيخ چسي تہ ” چڱو هينئن ڪر پهريون تہ پنهنجو پاڇو مون کان پري ڪر، ڇو تہ جيڪو ماڻهو الله جي پاڇي هيٺ گذري رهيو آهي، تنهن کي ٻئي ڪنهن بہ پاڇي جي ضرورت نہ آهي. ٻيو تہ جتان آيو آهين اوڏانهن هليو وڃ“ حاڪم اتان اٿي ٿي بيٺو ۽ فقير تان سندس پاڇو هٽي ويو. حاڪم پوءِ عرض ڪيس تہ اوهان جڏهن الله تعاليٰ جي يادگيري ۾، مشغول هجو، تڏهن منهنجي حق ۾ بہ دعا گهرندا ڪريو، شيخ چيو تہ ” ڏٽي تعاليٰ، شل اها مهل نہ آڻي، جو سندس ذڪر وقت ڪو غير يا ٻيو دل ۾ اچي ۽ الله جي بندگي ۾ زخنو پوي.“

هن ڳالھ ٻولھ مان شيخ صاحب جو مطلب هي آهي تہ الله تعاليٰ جي ذڪر وقت انسان جو تعلق ظاهري يا باطني صرف خدا سان هجي ۽ غيرالله ڏانهن ڌيان نہ ڏجي ڇو تہ، اهڙي طرح بندي جو خدا سان تعلق ٽٽي وڃي ٿو. عبادت بہ اها قبول آهي، جيڪا سچي نيت ۽ دل جي خلوص سان ڪجي من ۾ صرف حقيقي محبوب جو تصور هجي، انهي هڪ ئي معبود جي طلب ۽ تنوار هجي هر وقت الله جي وائي

هجي جيتوڻيڪ هٿ ڪم ۾ رڌل هجن پر من ۾ پرين جو واسو هجي. شاھ ڪريم رح چيو آهي تہ ” هينئون ڏجي حبيب کي لڳ گڏجن لوڪ“ شيخ رح دل ۽ لڳ، جان ۽ جسم، روح ۽ بدن، حقيقي محبوب جي حوالي ڪري، موت کان اڳ مري چڪو هو، سندن نفسياتي خواهشون ختم ٿي چڪيون هيون، ان ڪري کيس دنيا جي ڪابہ ضرورت ڪانہ هئي.

شيخ رح جي خليفن مان محمد مير، جنهن کي ميان مير رح سڏين ٿا، مشهور آهي، جنهن جو مقبرو لاهور ۾ آهي.

# مائي چوچڪ بيگم

حڪومت ۽ بادشاهت بہ عجيب شيون آهن، جڏهن اهي ڪنهن کي هٿ اچن ٿيون تہ پوءِ سائين پيءُ جو پٽ تي ۽ ڀاءُ جو ڀاءُ تي اعتبار نٿو رهي، ڇو تہ هو سوچي ٿو تہ اها بيش بها نعمت، مون کان ڪو ڪسي نہ وٺي پوءِ ڪٽي اڳلو پنهنجي هڏ ۽ رت مان ڇو نہ هجي. هندستان جو حاڪم، همايون مغل بہ ائين هو، هن کي جڏهن سندس ئي هڪ سپاهي شير شاهہ سوريءَ هندستان مان تڙيو تہ، هن وري اچي ڀائرن مان باهيون ڪڍيون، هن جو هڪ ڀاءُ هو مرزا ڪامران، اصل سڳو هڪ ئي ماءُ پيءُ مان. ڪامران، سنڌ جي حاڪم مرزا شاهہ حسن ارغون جو ڄاڻو هو ۽ ڪابل ۾ رهندو هو. سنڌ جا ارغون ۽ هندستان جا مغل اصل ۾ پاڻ ۾ مائٽ هئا، جيڪي وچ ترڪستان ۽ ايران مان مفت جو مال ميڙڻ ۽ قسمت آزمائڻ لاءِ برصغير ۾ آيا، بابر وڃي هندستان کي هٿ ڪيو تہ وري شاهہ بيگ اچي سنڌ ۾ ڪپ کوڙيا. همايون جڏهن سنڌ ۾ آيو، تہ شاهہ حسن سنڌ واسين جي زور ڀرڻ تي کيس ٽڙا ڀڄائي، مرزا عسڪري کيس پير کوڙڻ نہ ڏنو، ان ڪري هو سڌو ڪابل ڪامران تي ڪاهي ويو ۽ ڪامران کي اتان ڪڍي، پاڻ ٻالم تي ويهي رهيو.

ٻي گهرن ۾ لٽيل ڦريل ماڻهن جو اجهو، سدائين سنڌ رهي آهي، سو مرزا حڪمران بہ رت جا ڳوڙها وهائيندو ۽ هنجون هاريندو سنڌ ۾ آيو. شاهہ حسن کيس دلاسو ڏنو، آٿت ڏني ۽ پنهنجي ڌيءَ مائي چوچڪ، جا سندس مڱ هئي، سا کيس پاٽ شهر ۾ پرڻائي ڏني. مائي چوچڪ جي ماءُ جو نالو حاجي ماهِ بيگم هو، جيڪا مرزا شاهہ حسن جي ٻي گهرواوي هئي، هو ڄائي نپني سنڌ ۾ هئي ۽ سنڌو جو لڙاٽيل پاٽي پي، ملير جي مارئي بڻجي وئي. مڙس سان محبت ۽ ور سان سچو رهڻ، جيڪا سنڌي عورت جو مرڪ آهي، سا کيس سنڌ جي مٽي مان ئي ملي. مارئي جيڪا روايت قائم ڪئي ان کي هن بہ نڀايو. ڇا ٿيو جو ڪامران ڪجهہ لشڪر ۽ پئسو سهري کان وٺي همايون کان ڪابل کسڻ لاءِ مٿس ڪاهہ ڪري ويو پر شڪست کائي ساٿي مارائي پاڻ وڃي سنڌ جي ڪوڪرن وٽ لڪو. همايون ڏٺو تہ ڪامران کيس آرام ڪرڻ نہ ڏيندو ان ڪري هن راهہ ڪنڊي کي ڇو نہ ختم ڪجي. اهو خيال ڪري دلاسا دلبا ڏيئي هينيون مٿيون ڀڄائي کيس پاڻ وٽ گهرايو جڏهن هو وٽس پهتو تہ پيارا ڀاءُ، منڙا ادا چئي ڀاڪر پائي وٺبي جو گرم پاتل جي سرائي پنهنجي پيءُ ڄائي ڀاءُ جو اکين ۾ گهمرايائين تہ ابا

همراھ انڌو. هاڻي تہ ڪامران جون ٻہ ئي اکيون ڪڍي ڇڏيون. مڙس اپاهج، محتاج ۽ پاڻ وهيڻو بنجي ويو. بادشاهت يا حڪومت تہ پنهنجي جاءِ تي هاڻي تہ حياتي وبال بڻجي ويس ۽ پاءُ جي قيد مان حج جو بهانو ڪري موڪل گهري. همايون تہ اڳ ئي هن دڳ جي ٿڏي ڪي ڪيڻ پئي چاهيو سو وڏا وڏا ڪري پائي ڪيس روانو ڪيو ۽ هو سڌو ساهرن وٽ سنڌ ۾ آيو.

اهو 1555ع جو زمانو هو. چوچڪ بيگم پنهنجي ڏتڙيل، زخميل، پنهنجن جي ستايل ناتوان ۽ عاجز مڙس جي وڏي خدمت ڪئي. سهري ڪيس ساڌ ٻيلي ۾ ٽڪايو. ٻتوري جو پر ڳوٺو ڪيس جاگير ۾ ڏنو ۽ فتح باغ ڏيءَ کي ڏاج ۾ ڏنائين. هن جي بورچيخاني جو خرچ تمام سنو ٿيڻ لڳو ۽ اک جو ڦٽ بہ ڇٽي ويس ۽ تازو توانو ٿي پيو، ڪيس سنڌ ۾ سڪ تہ ڏاڍو هو پر همراھ کي ڪعبي جي زيارت جو شوق سو هردم تيار هو. چوچڪ بيگم بہ مڙس سان وڃڻ لڳي. ماڻس روڪيس ت چوڻ لڳي " امڙ وڏي ڳالھ آهي تہ هن وقت، مان پنهنجي مڙس کي ڪيئن ڇڏيان؟ جڏهن تہ هو نابين آهي، محتاج آهي، زندگي جي ڇپي ڇپي تي منهنجي ڪيس مدد ۽ تعاون جي ضرورت آهي". آخر مڙس سان وڃي ٻيڙيءَ تي ويٺي تہ اتي سندس والد شاھ حسن آيو، جنهن بہ ڪيس وڃڻ کان روڪيو. پر هن سنڌ جي نياڻي جنهن ۾ سنڌ جي مٽي جو هڳاءُ هو ۽ سنڌي غيرت موجود هئي، تنهن جواب ڏنو تہ " بابا توهين ڇا ٿا چئو. مان پنهنجي مڙس کي ڇڏيان، جيڪو منهنجو مجازي خدا آهي، سرتاج آهي،جو رفيق حيات آهي. جنهن سان مرڻ ۽ جيئڻ جو وچن ٿيل آهي، دنيا اسان کي ڇا بہ چوندي تہ جڏهن هو بادشاھ هو تہ اسان ان سان مٽي ڪرڻ ۾ فخر ڪيو ۽ اڄ جڏهن هو گدا آهي، اپاهج آهي ۽ در در جون ٺوڪرون کائيندڙ آهي تہ اسان ڪيس ڌار ڪري ڇڏيون ؟ هن ڏکئي وقت ۾، جڏهن پاڻس بہ ڪيس ڇڏائي ڪڍيو ۽ دوست بہ ڇڏي ويس تہ ان وقت مان زال بہ سندس ساٿ نہ ڏيان تہ اهو منهنجي غيرت ۽ محبت تي ڌبو آهي. اوهان جنهنجي هٿ ۾ منهنجو هٿ ڏنو تہ هاڻي اٿڻ ويهڻ ان سان ئي آهي، مان هاڻي پنهنجي مڙس جي قدمن ۾ مرڻ قبول ڪندس پر پيڪن وٽ رهڻ پسند نہ ڪنديس". بادشاھ ڌيءَ جو جواب ٻڌي چپ ٿي ويو ۽ هو مڪي روانا ٿي ويا. جتي ڪامران 964ع ۾ وفات ڪئي ۽ چوچڪ بيگم پنهنجي مڙس جي مرڻ کان ست مهينا پوءِ پاڻ بہ گذاري وئي. اهڙي طرح هن سنڌ جي ڄائي مرڻ گهڙي تائين پنهنجي لڄ نہ لڄائي پر مارئي ۽ سسئي وارو ڪردار ادا ڪندي، سنڌي ثقافت جو مان مٿاهون ڪيو ۽ مڙس سان وفاداري ۽ سچائي جو آدرشي مثال قائم ڪيو.

# مريد جت

سنڌ ۾ ارغون گهراڻي جي حڪومت جو بنياد وجهندڙ شاهه بيگ ارغون جو پٽ شاهه حسن ارغون جڏهن مري ويو، تڏهن سندس نمڪ حلال ۽ پيارو نوڪر مرزا عيسىٰ پٽ مرزا عبدالعلي ترخان سنڌ جي حڪومت جو دعويدار ٿيو، ڇو ته شاهه حسن کي اولاد ڪونه هو، پر اتر سنڌ، بکر ۾ سلطان محمود ڏنڀو پٽي ويهي رهيو. ان ڪري هنن ٻنهي مفت جي مال کي ورهائي ڪنيو. يعني سيوهڻ کان مٿي وارو علائقو مرزا عيسا ترخان قبضي ۾ آندو ۽ ڏهه سال 1555ع کان 1565ع تائين ديدٻي سان حڪومت هلائي.

مرزا عيسىٰ کي چار پٽ هئا، مرزا محمد باقي، مرزا صالح، مرزاغالب ۽ مرزا جان بابا. انهن ۾ مرزا باقي ۽ مرزا صالح ٻيئي ظالم هئا، پر مرزا صالح وڏيڪ ڪنور ۽ سخت گير هو. هن پوڙهي پيءُ کي گوشه نشيني تي مجبور ڪيو. مرزا باقي کي ڪڇ ڏانهن ڀڄائي ڇڏيو. مرزا جان بابا کي سميجن ڏانهن اماڻي ڇڏيو ۽ مرزا غالب کي پاڻ سان رهائي، ڏنڀو پٽي سنڌ تي حڪومت ڪرڻ لڳو.

هاڻي ته اچي سنڌ واسي ڦاٿا، جنهن پيءُ ۽ ڀائرن سان نه رهائي، سو رعيت کي ڪهڙِ پڳ ٻڌائيندو. پٽ ڏٺي رح ڇيو آهي ته ” ڏاريان ئي ڏاريا، مٽ مئي نه ٿيا“. هو ڪنور ڪپيتو، ظالم ۽ سڙيو ته اصل کان ئي هو. سنڌ جي مٽي مان ته هن جنم ڪونه ورتو هو جو ڪو احساس ٿئيس. هن طرح طرح جا ظلم ڪيا ماڻهن کي بي گناهه قتل ڪرڻ، جيلن ۾ وجهڻ، ڦٽڪا مارڻ ۽ هر سهڻي ڇوڪريءَ کي زوري کڻي وڃڻ سندس روز جا ڪم هئا، پر اڳيان به سنڌي غيور ۽ سورهيه هئا، جيڪي ٻيو سڀ ڪجهه ته برداشت ڪري ٿا سگهن پر ننگ ۽ نياڻين جو جنهن نانءُ ورتو، ان کي مارينديِ دير نه ڪن. سو هڪ ڪٽنب جي وڏي مرزا صالح مارائي سندس ٻين ڀاتين کي جيل ۾ وجهي، ڇوڪريءَ کي زوري کڻائي ويو.

اهو جتن جو خاندا هو. لاڙ جي پاسي جا وينل هئا، نه ڄاڻ ڇوڪريءَ جو ڀاءُ مريد جت، ڪنهن ڪم سانگي گجرات ويل هو. جڏهن موٽي آيو، تڏهن ڪيس خبر پئي ته ڪيئن نه هن جي گهر سان قهر ٿيو ۽ ڀنيور ڀيليو ويو آهي. مڙس غيرت وارو هو. سنڌڙي جو تخم هو. مادر وطن جو سچو سپوت هو. همراهه ڳاڙهو لال ٿي ويو. بس ماني پاڻي ويس وسري. پٽڪو لاهي ڪٽي پٽ تي اڇلايائين، هڪدم نٽي آيو ۽ ڪلم ڪلا صالح سان دشمني ۽ وير رکڻ لڳو. هو چوندو هو ته ” جيستائين آءُ مرزا صالح کي

پريل دربار ۾ نہ مارينداس، تيسين متي تي پٽڪو نہ ٻڌنداس" هو هر چونڪ ۽ گهٽي ۾، چرين وانگي، چري ڪي تڪو ڪندي چوندو هو تہ " اي چري، تون ڪم ڪندينءَ يا نہ، اي دل تون مضبوط ٿجائين، توکي موقعي تي بي دليءَ جو مظاهرو نہ ڪرڻ گهرجي. چو تہ تنهنجي ئي ڏڌ تي،مون هي ڪم پنهنجي ذمي ڪنيو آهي." نٽي شهر جا سيئي ماڻهو ۽ حڪومت جا سپاهي هن کي چيو سمجهندا هئا ۽ شهر جا ٻار، تماشو ڏسڻ لاءِ، هن جي پنيان پيا ڊوڙندا هئا. هو جيڪي لفظ چوندو هو، ان کي گهٽيءَ ۽ بازار ۾ بيٺل ننڍا وڏا، پيا دهرائيندا هئا ۽ ڪيس هرڪو " مريد مست" ڪري سڏيندو هو.

هڪ دفعي چا ٿيو جو، مرزا صالح شڪار تان موٽيو ۽ پنهنجي محل ڏانهن پئي ويو، تہ اوچتو مريد جت بہ، چري ڪي ڪاغذ ۾ ويڙهي، فرياد ڪندو ڏانهن وڌڻ لڳو. دربانن ڪائنس درخواست گهري. پر هن چيو تہ مون کي بادشاهہ کي روبرو پيون بہ ڳالهيون ڪرڻيون آهن." مرزا صالح چوبدارن کي حڪم ڪيو تہ " فقير کي نہ روڪيو، ڪيس اچڻ ڏيو" ان بهاني سان جڏهن هو غيرتمند ۽ بهادر سنڌي، بادشاهہ جي ويجهو پهتو، تڏهن ڪاغذ ۾ ويڙهيل چري ڪڍي ڏند ڪرتي، پنهنجي سموري سگهہ، قوت ۽ غيرت سان بادشاهہ جي پيٽ ۾ اهڙي طرح هنئي جو هن جا آنڊا بہ ٻاهر نڪري آيا. اهو ڏسي بادشاهہ جي نوڪرن، ڪيس ٽڏي تي شهيد ڪري وڌو. هن جي جسم تي بيشمار گهاءُ ڪيا ويا ۽ ان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويو. پر سندس غيرتمند رت، مادر وطن کي رنگين بنائي ڇڏيو ۽ سندس سورهيائي، تاريخ جو سونهري ورق بنجي ويئي.

هي واقعو ڇنڇر جي ڏينهن 23 شعبان 970 هجري جو آهي.

# شاهه عنايت شهيد رح

سنڌ ڏکويلن جو ڏيهه آهي، پٽ ڌڻي رح هن کي ان ڪري ئي ” دردوندي جو ديس“ سڏيو آهي. مشهور برطانوي ليکڪ رچرڊ برٽن جي لفظن ۾ هي ” ڏکويلن جي ماترِي“ آهي. اهو سڀ ڪجهه ان ڪري آهي جو هتان جو معاشرو، ٻن طبقن ۾ ورهايل آهي. هڪ مٿيون طبقو جن ۾ زميندار، جاگيردار ۽ وڏيرا آهن جن وٽ پيداوار جو مکيه ذريعو، زمين فقط هڪ شخص جي ذاتي قبضي ۾ آهي،جيڪو ساري آمدني جو مالڪ آهي، جيڪو انهيءَ جاگيردار وٽ، سندس ٻني تي ڪم ڪري ٿو، پورهيو ڪري ٿو، پڇاڙي ۾ ڪيس پيٽ قوت لاءِ ڪٽا به ڪونه ٿا ملن. هي ڌرتي ان لاءِ لطيف سائين جي لفظن ۾ ” دوزخ جي دونهين“ مثل آهي. انگ اگهاڙا، پيٽ بکيا، لٽل ڇهرا، ڏٻرا ڏيل، آليون اکيون، اٽيا وار. زندگي ڇڻ ٿوهر جو وڻ، اهڙا غريب هاري،اسان وٽ نوانوي سيڪڙو آهن. پاڪستان جي هڪ رپورٽ ۾ ٻڌايل آهي ته ” لکين ماڻهن وٽ، زمين جو هڪ جريب به ڪونهي ۽ ٻئي طرف مٺ تي ڳڻڻ جيترا ماڻهو، هزارها ايڪڙن جا مالڪ آهن.“ سنڌ ۾ اها حالت اڄ جي ڪونهي پر صدين کان اهو سلسلو هلندو ٿو اچي ۽ شايد هلندو رهندو.

گهٽا گهٽا سال اڳ، جڏهن سنڌ ۾ مغلن جو راڄ هو، تڏهن به جاگيردارن وٽ وڏيون وڏيون زمينون هيون. سندن حڪم کان سواءِ وڻ جو پن به نه چرندو هو. غريب هارين سان نسورو ناحق هو. وٺ ونگار، لائي لاپو، وياج بٺئي، هٽي سندس ڍڍر به ڍرا ڪري ڇڏيا هئا. ان زماني ۾ جيڪڏهن ڪنهن به جاگيردار، بنا ڪنهن ڏوهه جي سوين ماڻهو مارائي پئي ڇڏيا ته ڪوبه ڪائنس پڇڻ وارو ڪونه هو. مغل حاڪمن پنهنجن خوشامدين کي لکها ايڪڙ زمينون ڏنيون، جن هارين کي ڍورن وانگر وهايو. هڪ مورخ جي لفظن ۾ ته جنهن بيدادنگريءَ، بيڪسن ۽ ويچارن جي ڏيهه ۾ اڻ ڳڻيا بگهڙ ۽ راڪاس موجود هجن، اتي غريب هارين جي بي ڪسيءَ جو ڇا ذڪر ڪجي. هو زمين کيڙيندا، راهيندا ۽ فصل اپائيندا رهيا، پر زمين تي سندن ڪنهن به قسم جي اختيار ڪونه هو، نه عارضي نه مستقل. جيڪو اناج هو پنهنجي پگهر مان اپائيندو هو، ان جو وڏو حصو، جاگيردار، ٺيڪيدار، سيد ۽ زميندار ڪٽي ويندا هئا.“

اهي حالتون ڏسي، جهوڪ جي هڪ صوفي بزرگ شاهه عنايت پٽ فضل الله لانگاهه هارين کي منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هو 1065هه ۾ جهوڪ ۾ ڇائو ۽ روحاني فيض، شمس شاهه کان ورتائين. پوءِ ٺٽي ۾ اچي فيض جا واهڙ وهايائين. شاهه عنايت عالم باعمل هو. هو هڪ باشعور ۽ انقلاب پسند انسان هو. هو انسان جي عظمت جو قائل هو ۽ سڀ ۾ پرين پسڻ وارو هو. هن وٽ پورهيت ۽ پگهر وهائيندڙ جو قدر هو، جنهن لاءِ حضور ﷺ فرمايو ته ” ڪين اجورو، پگهر سڪڻ کان اڳ ۾ ڏيو.“ شاهه عنايت پهريون شخص هو، جنهن سنڌ ۾ پنهنجي حالتن، ريتن، رسمن ۽ رواجن مطابق هارين کي طبقاتي شعور ڏنو. هن پيداواري عمل ۾، ” مساوي شراڪت“ تي زور ڏنو. ان ڪري پاڻ وقت ۽ ماحول سان بغاوت ڪندي اعلان ڪيو ته زمين جو مالڪ زميندار يا وقت جو حاڪم نه پر اهو پورهيت آهي جيڪو رات ڏينهن پورهيو ڪري ٿو ۽ هر هلائي ٿو. اهڙي طرح شاهه صاحب پنهنجي تعليم ۽ تبليغ سان، پنهنجن مريدن ۾ گڏيل کيتي جو بنياد وڌو، ۽ ساري پيدائش جا ذريعا هارين وٽ رهيا، انهن ۾ هڪ انقلابي لهر آئي ۽ هاري خوشحال ٿيڻ لڳا، ۽ شاهه جي فقيرن کي ڏسي پاسي اوسي وارا هاري به اچي انهن سان گڏيا. اها سجاڳي ۽ اهو عمل وقت جا وڏيرا ۽ پير ڪٿي ٿا سهن؟ ان ڪري هنن مغل حڪومت جي ڪارندي نواب اعظم خان کي پاڻ سان شريڪ ڪري 1718ع ۾ جهوڪ ۾ ” هارين جي وستيءَ“ تي حملو ڪيو. اهڙي طرح شاهه عنايت شهيد ٿيو. هزارين فقير تلوار جي بک ٿيا ۽ جهوڪ جي ڳوٺڙي ۾ ويراني اچي واسو ڪيو. چون ٿا ته فقير ۽ هاري ايترا ته شهيد ٿيا جو تيرهن ڪوهه سندن لاشن سان پرجي ويا، جن کي هاڻي ” شهيد گنج“ چئجي ٿو.

شاهه عنايت رح جي هي هاري تحريڪ، پهرين اجتماعي زراعت واري تحريڪ هئي، جنهن طبقاتي جنگ لاءِ هارين کي جاگيرداري ظلم خلاف شعور ڏنو ۽ جدوجهد لاءِ منتظم ڪيو، ۽ ثابت ڪري ڏيکاريو ته جيڪڏهن جاگيردار ۽ زميندار وچ ۾ نه پون ته کيتي سهڻي نموني سان ٿي سگهي ٿي ۽ سنڌ ۾ اڄ کان گهڻو اڳ، هارين ۽ پورهيتن ۾، اجتماعي طبقاطي شعور پنهنجي انتهائي تنظيم کي پهتو هو ۽ ان شعوري لاڙي هيٺ سنڌ جي پورهيت طبقي، جاگيرداري نظام خلاف هڪ باقاعدي ۽ منظم جنگ لڙي، پنهنجو رت وهائي ثابت ڪيو ته هتان جو عوام به، هر انقلابي تحريڪ کي، اپنائڻ جو حوصلو رکي ٿو، پر ڪو انهن جي حوصله افزائي به ڪري.

# مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رح

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رح، سنڌ جا محدث فقيهه عالم ۽ وڏا بزرگ ٿي گذريا آهن. جنهن کي عربي دنيا ۾ وڏي عزت سان ڏٺو ويندو آهي. هو تفسير، فقهه، حديث، علم معقول ۽ علم رجال ۾ ماهر هو، ان ڪري ڪيس سنڌ جو شاهه ولي الله چئجي ٿو. هن ٺٽي ۾ ” مدرسه هاشميه“ جو بنياد رکيو. جنهن کي ان دور ۾ ” اسلامي يونيورسٽي “ جي حيثيت حاصل هئي. مخدوم صاحب سنڌي، عربي ۽ فارسي ۾ ڏيڍ سئو ڪتاب لکيا آهن. سندس هڪ ڪتاب ” بياض هاشمي“ چئن جلدن ۾ لکيل آهي، جنهن لاءِ مولانا عبيدالله سنڌي چيو هو ته ” بياض هاشمي پڙهڻ کان پوءِ، منهنجا ڪيترائي حديث جا مسئلا حل ٿي ويا“ ان ڪتاب جو ڪجهه حصو سنڌ جي ديني تاريخ ۽ فضيلت ۾ به لکيل آهي، جنهن مان هڪ اقتباس هت پيش ڪجي ٿو ته سنڌ جي ٻارن کي به خبر پوي ته هي ديني عالم ڪيڏو نه محب وطن ۽ وطن پرست بزرگ هو.

هڪ دفعي افغانستان جو ڪو تاجر عبدالرئوف واپار سانگي سنڌ ۾ آيو. هن نام نهاد عالم، فارسي ٻولي ۾ هڪ ڪتاب لکيو، جنهن ۾ هن سنڌ، سنڌي عوام ۽ سنڌي تهذيب جي گلا ڪئي. مخدوم صاحب جڏهن اهو ڪتاب پڙهيو، تڏهن سندس ادبي شعور، علمي جذبي ۽ قومي غيرت اهو برداشت نه ڪيو. ان ڪري هن ” مدح سنڌ“ لکي ان نام نهاد فارسي عالم کي جواب ڏنو. مخدوم صاحب لکن ٿا ته ” اي چريا افغاني ٻچا! تو هي ڇا چيو آهي. ڇو ته پنهنجو قيمتي وقت سنڌ جي گلا ۾ وڃايو اٿئي.“ اي افغاني تو لکيو آهي ته ” سنڌ ۾ عقل ڪونهي. سڀ سنڌي بيوقوف آهن.“ ڇا تو حضور ﷺ جي حديث نه ٻڌي آهي ته ” بهشت جا زياده تر ماڻهو، ساده لوح هوندا. مطلب هي آهي ته اهي دينوي معاملات ۾، سڌا سادا ۽ شريف هوندا. ڪنهن کي دوکو نه ڏيندا ۽ خدا جا احڪام چڱي طرح بجا آڻيندا ۽ ديني معاملن ۾ سياڻا هوندا. سنڌي ماڻهو مذهب جي معاملي ۾ عقلمند آهن ۽ ڪنهن سان به ٺڳي نٿا ڪن. سنڌ جا ماڻهو خدا ترس ۽ مسڪين آهن. سچي ڳالهه هيءَ آهي ته، ماڻهو حق جي راهه ۾ ڪم اچي. باقي دنياوي سجاڳپ ڪهڙي ڪم جي، جنهن مان آخرت به نه سڌري.

تو لکيو آهي ته ” سنڌ ۾ علم ڪونهي. اهو سراسر غلط ۽ بي بنياد آهي. سنڌ ۾ علم جي پيٽ ۾ عمل وارا وڏيڪ آهن. جنهن شهر ۾ مان رهان ٿو، اتي به وڏا مدرسا آهن ۽ سنڌ ۾ ٻين جاين تي به اهڙا مدرسا گهڻا آهن. علم اهو سٺو آهي، جنهن ۾ عمل هجي. سنڌ ۾ عمل وارا عالم گهڻا آهن. عمل کان

سواءِ عالم ائين آهي جيئن ماکي کان سواءِ مک. هت جيڪو بہ قرآن پڙهي ٿو اهو بدعت کي ترڪ ڪري، سڌي راهہ تي هلي ٿو اهو بدعت کي ترڪ ڪري، سڌي راهہ تي هلي ٿو. علم اهو آهي جيڪو شريعت محمدي تي ثابت قدم رهي، صراط مستقيم ڏيکاري. اهڙو علم سنڌ ۾ گهڻو آهي. هن نٽي شهر ۾ وڏا وڏا اديب عالم ۽ شاعر آهن، جن جو تصنيفون قابل تعريف آهن.“ تو لکيو آهي تہ ”سنڌ ۾ پئسو ۽ دولت ڪونهي. سڀ سنڌي، سچا، محتاج ۽ فقير آهن.“ مخدوم صاحب ڪيس جواب ڏيندي لکي ٿو تہ ”هي تنهنجي وڏي بيوقوفي آهي. قناعت سڀ کان سٺي شيءِ آهي. خوراڪ ۽ پوشاڪ لاءِ، هن ملڪ ۾ پئسو گهڻو آهي. دراصل دنيا ڪائڻ پيئڻ ۽ الله جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ جو ٻيو نالو آهي گڏ ڪري رکڻ جو نالو نہ آهي، پلا، توهان ماڻهو هت چوٽا واپار ڪرڻ اچو. ان ڪري تہ هتان اوهان کي گهڻو نفعو ملي ٿو ۽ ڪنهن ٻئي ملڪ مان ايترو نٽا ڪمايو“ اوهان لکيو آهي تہ هت فقير گهڻا آهن. پر هي ياد رکو تہ اسان ماڻهو ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ پنڻ ڪونہ ٿا وڃون جڏهن تہ ڪوڙ سارا، افغاني هت دربدر آهن ۽ ٻين بہ ڪيترن ئي ملڪن جا ماڻهو سنڌ ۾ آهن. جي دولت گهڻي ٿي وڃي تہ پوءِ ماڻهو گناهہ جا ڪم ڪري ٿو يا وري خدا کان منهن موڙي غريب آزار بنجي ٿو. اسان الله جي ورهاست تي راضي آهيون، جنهن کي علم ڏنو ۽ جاهلن کي دنيا ڏني“.

عبدالرئوف افغاني لکيو تہ ”سنڌ ۾ اولياءَ گهٽ آهن“ مخدوم صاحب ڪيس چيو تہ ”اهو بہ غلط آهي. ڇو تہ سنڌ ۾ قلندر شهباز آهي، جيڪو اولياءَ ڪرام ۾ سچو موتي آهي. هو زماني جو مشهور ولي، قطب، قلندر ۽ عالم آهي. جنهن جون ڪيتريون ئي تصنيفون آهن. روهڙي ۾ وار مبارڪ آهي، جنهن جي زيارت گناهن جو ڪفارو آهي. حضرت عبدالقادر جيلاني رح جي دستار مبارڪ آهي. شاهہ معصوم بہ سنڌ ۾ آهي تہ شاهہ خيرالدين بہ سنڌ ۾ آهي. سنڌ ۾ ڪيترائي عبادت گذار ٻانها آهن. مولوي محمد اسماعيل، جيڪو طريقت جي بهار آهي سو بہ سنڌ ۾ آهي. ان کان سواءِ سنڌ هڪ لک 25 هزار اوليائن جو مدفن آهي.

هيءَ مختصر تحرير مخدوم صاحب جي سنڌ سان محبت، قومي غيرت ۽ اعليٰ علمي ذهنيت جو زندهہ ثبوت آهي. شال! اسان بہ پنهنجن وڏڙن واري غيرت ڌاري، موجوده دور ۾ بہ سنڌ جي شڪوه ڪندڙن کي جواب ڏيئي سگهون.

# نواب ولي محمد لغاري

سنڌ جي راڄوٽي قبيلن مان لغاري قبيلو مشهور آهي. لغاري اصل ۾ ديرا غازي خان جا ويٺل آهن جن مان ڪجھ خاندا ن ڪلهوڙن جي دور۾، سنڌ لڏي آيا. انهن مان غلام محمد نگار 1140 ھ ۾، سنجھوري تعلقي ۾ ڳوٺ ٻڏي ويٺو. هو مير بهرام خان ٽالپور جو درٻاري هو ۽ ان سان سندس وڏي عقيدت هئي. هو ميان عبدالغني هٿان شهيد ٿي ويو. نواب ولي محمد لغاري هن جو ئي فرزند هو، جيڪو 1165ھ ۾ سنجھوري ضلع لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. ان وقت ميان يار محمد ڪلهوڙي جي حڪومت هئي. تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ نواب ولي محمد، ميرن جي درٻار ۾ داخل ٿيو ۽ وڏو مقام ماڻيائين. هو وزير، سپھ سالار، سفير، منتظم، انجنيئر، حڪيم، راڄن جو خيرخواھ، شاعر، اديب ۽ محبت وطن هو. جڏهن 1192ھ ۾، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي جنگ لڳي تڏهن هي پنهنجي قبيلي جا ماڻهو وٺي، مير فتح علي خان جي طرفان وڙهيو ۽ جنگ ۾ وڏا جوهر ڏيکاريائين. هڪ روايت مطابق ته لڙائيءَ جي سوڀ جو سهرو ئي هن جي سر تي سونهي ٿو، ڇاڪاڻ ته لڙائي جو نقشو سندس تيار ڪيل هو. مير فتح علي خان، سندس بهادري ۽ سورهيائي کان متاثر ٿي، کيس ”نواب“ جو لقب ڏيئي پنهنجو وزيراعظم بنايو.

نواب ولي محمد لغاري، مير فتح علي خان کان وٺي مير غلام علي جي دور تائين، سنڌ جو حقيقي معنيٰ ۾ حاڪم رهيو. هن ٻاهرين مداخلت کي ٻنجو ڏيئي، سنڌ جي مڪمل آزادي کي برقرار رکيو. شڪارپور ۽ ان جي پسگردائيءَ وارو علائقو، ڪابل جي بادشاھ، تيمور شاھ ابدالي، پٺاڻن جي قبضي کان آزاد ڪرايو. ڪراچي جو پرڳڻو، ميان عبدالغني قلات جي والي جي حوالي ڪيو هو، سو به هن ٻيهر سنڌ سان ملايو. ميان عبدالغني جيڪو نڪ جو نرڄو هو ۽ کيس جنم ڀومي جي نيڪنامي، لڄ ۽ ناموس جو ڪو به خيال ڪو نه هو، تنهن مير بجار خان کي مارائڻ جي عيوض، عمرڪوٽ جو پرڳڻو، جوڌپور جي راجا جي حوالي ڪيو هو، سو ڪائنس واپس ورتائين. اهڙي طرح هن، سنڌ جي سرحدن کي مضبوط بنائڻ لاءِ، قلعن جي تعمير ڏانهن ڌيان ڏنو. هن مختلف ڪوٽن ۽ قلعن جو ڪم، اٺن سالن ۾ پورو ڪرايو. ٻيهريائين فتح ڳڙھ ۽ اسلام ڪوٽ قلعا ٺهرايا جنهن ڪري جوڌپور جو راجا، سنڌ تي حملو ڪري نه سگهيو. لاڙ ۾ وڪربندر، جاتي بندر ۽ ساڪري طرف ننڍا ننڍا ڪوٽ ٺهرايائين.

1234ھ ۾ سندس نظرانداري ۾ مشهوري هيٺ، رني ڪوٽ جو مشهور قلعو 17 لک روپين سان ٺهيو، جيڪو دادو ضلعي ۾ آهي ۽ سنڌ ۾ قلعن جي تعمير جي فن جو هڪ نمايان يادگار آهي.

نواب ولي محمد، ڪجھ وقت لاڙڪاڻي جو گورنر بہ ٿي رهيو. ان زماني ۾ هن اتي واھ ۽ ڪڙيا کوٽيا ۽ ملڪي تعلقات کي بهتر بنائڻ لاءِ ٻاهرين ملڪن ڏانهن نمائيندا موڪليا ۽ ساڻن خط و ڪتابت ڪئي. جڏهن هو وزيراعظم ٿيو، تڏهن حڪومت جو سمورو انتظامي حڪم، اندروني يا بيروني سندس هٿ ۾ هو. عدالتي اختيارات هلائڻ، جاگيرون ڏيڻ، آبپاشي ۽ حفاظتي انتظام لاءِ آخري فيصلا ڪرڻ ۽ ڍلن ۽ محصولن جا، اگھ مقرر ڪرڻ مطلب تہ هر لحاظ کان هو مختيار ماليہ هو.

هن زماني ۾ انگريز بہ هندستان ۾ داخل ٿي چڪا هئا ۽ هندستان جي اندروني علائقن تي قبضا ڪندا پئي رهيا. سندن لالچي نظرون سنڌ ۾ بہ هيون. نواب صاحب هنن جي چال مان چڱي طرح واقف هو. هو چوندو هو تہ:

” آن فرنگي ڪ فتدها دارد، بائهال نيز ڪيز ها دارد“

يعني فرنگي سنڌ جي عوام ۽ حاڪمن ٻنهي جو دشمن آهي ۽ ٻنهي سان ڪينو رکي ٿو. هو هنن جي سخت خلاف هو. هڪ دفعي ٺٽي ۾، انگريزن جو هڪ جهاز آيو، جنهن تي فرنگي جهنڊو ڦڙڪي رهيو هو. نواب صاحب، اهو برداشت ڪري نہ سگھيو تہ، سنڌ جي علائقي ۾، هڪ غير قوم جو جهنڊو جهومي. ستت ئي ڪجھ سوار  وٺي اتي پهتو ۽ جهنڊي کي لاهي، هيٺ اڇلي چند انگريز سپاهي ماري واپس وريو. جيمسبرس لکي ٿو تہ ” نواب ولي محمد ۾، نہ فقط اميرن جو ڪلي اعتبار آهي، پر عجب اهو تہ عوام کي بہ سندس واسطي عزت ۽ احترام آهي.“

مطلب تہ نواب ولي محمد لغاري، سنڌ جو گهڻگهرو ۽ سورهيہ پٽ هو. هو عوام توڙي حڪمرانن ۾، هر دلعزيز شخصيت هو. هو جيستائين زندھ رهيو تيستائين ٽالپربہ، متحد رهيا تہ، سنڌ جي عظيم سرزمين تي، انگريز بہ قابض ٿي نہ سگھيا. هن ئي، سنڌ کي سنڌين جي سرزمين سمجھيو ۽ پٺاڻن، افغانن ۽ ايرانين کي سنڌ مان تڙي، هن کي هڪ مضبوط ۽ مستحڪم رياست بنائي رعيت ۽ حڪمرانن ۾ هڪ جيترو مان حاصل ڪيو.

# روپلو ڪولهي

پارڪر جي نالي کان ڀلا ڪير اڻ واقف هوندو؟ هي ٿر جو هڪ مشهور شهر آهي. گهڻا گهڻا سال اڳ، هت سوڍن جو راڄ هوندو هو ۽ ڪيترن ئي سوڍن هت حڪومت ڪئي. هنن پنهنجي دور ۾، ٿر ۽ پارڪر کي وڏي ترقي وٺرائي ۽ اهڙي طرح هر طرف کان خوشحالي ۽ سلامتي جي هبڪار اچڻ لڳي. 1832ع جي ڳالهه آهي ته، انگريزن جي هڪ وڏي لشڪر اوچتو ڪاهه ڪري، سوڍن کي پارڪر مان هڪالي ڪڍيو ۽ هن ايراضي تي قبضو ڪري، فوجي چوڪيون قائم ڪيون. سوڍن کي ته پنهنجي ديس سان محبت هئي. پيار هو. " سڄڻ ۽ ساٿيهه ڪنهن اٽاسي وسري" آخر پنهنجي جنم ڀومي ته هر هڪ کي وڻندي آهي. ڀلا ڪير پنهنجي گهر ۾ ٻاهرئين کي اچڻ ڏيندو. وطن به ته گهر آهي نه ! سو سوڍن کي گهرائي اعلان ڪيو ته " اهو اسان جو وڙ نه آهي جو وطن ڌارين جي حوالي ڪري پاڻ ويهي سک سان روٽي کائون. هت ياته ڌاريا رهن يا پاڻ رهون. اچو ته گڏجي ساڻن مقابلو ڪيون. جيڪڏهن نه به ڪٽون، پر بهادرن وانگر ساٿيهه تان سر گهوري ڇڏيون" آخر هنن سيني گڏجي، انگريزن جي فوجي چوڪين تي حملا ڪيا. ڪيترن ئي سرڪاري علمدارن کي ماري، خزاني کي لٽي انگريزن کي پريشان ڪيائون. انگريزي لشڪر ڪرنل ايونس جي سرڪردگي هيٺ، مٿن ڪاهه ڪري آيو. سوڍن جي بهادري سان سندن مقابلو ڪيو، پر انگريزي فوجون مٿن غالب پئجي ويون. هن جنگ ۾ راڻي مهاسينگ وڏي بهادري ڏيکاري، پر هو دشمن سان مقابلي ۾ مارجي ويو. ان کان پوءِ اڌ سينگهه ۽ روپلو ڪولهي، ميدان ۾ ڪاهي آيا. هنن جڏهن ڏٺو ته، انگريز بارود ۽ لشڪر ۾ هنن کان وڌيڪ آهن ۽ دوبدو لڙائي ٿيڻ ڪري متان پاڻ ختم ٿي وڃي ۽ پنهنجي قوم جي قيادت وارو ڪو به نه هجي ۽ اهڙي طرح آزادي جي تحريڪ بنهه رڪجي وڃي ان ڪري هو ٻين ڪولهين کي ساڻ ڪري ڪارونجهر جبل تي چڙهي ويو ۽ اتان انگريزن تي گوليون هلائڻ شروع ڪيون. هنن فوجي ڇانوڻين تي حملا ڪيا. راتاها ماريا. سندن رسد جي ٽرڪن کي ڦريو. انگريز اچي ششدر ٿيا ۽ راڻي کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪيائون، پر سندن دال نه ڳري. هنن کي ٻن سوڍن روپلي ۽ راڻي جي ڳولا هئي جيڪي ٻيئي هن تحريڪ جا روح روان هئا. آخر هڪ غدار سوڍي انگريزن کان وڏي رقم وٺي روپلي ڪولهي کي پڪڙايو. جڏهن هو انگريزن وٽ آيو، تڏهن انهن ڪائنس راڻي لاءِ پڇيو ته " هو ڪٿي آهي؟" انگريز

حڪومت ان لاءِ ڪيس نقد انعام، جاگير ۽ عهدن ڏيڻ جو بہ واعدو ڪيو. پر هن بهادر، غيور ۽ محب وطن سوڍي نہ سليو. بس پوءِ تہ اچي پنهور ڪي باهہ لڳي. انگريزن ڪاوڙ ۾ اچي روپلي سان ڇا ڇا نہ ڪيو! هن جي هٿ جي تري تي تيل رکي آڱرين تي وٽون ٺاهي، تيلي ڏني، پر سنڌڙي جي هن سپوت ايڏو سور سهندي بہ جواب ڏنو تہ " چاندي جي چند سڪن ۽ دنوي عزت تي موهجي يا هنن سورن کان ڊڄي، پنهنجي ضمير ۽ وفا ڪي وڪڻي، راڻن، سوڍن ۽ پنهنجن ديس واسين ۽ ساٿيهہ سان دوهہ نہ ڪندس ان ڪان تہ مون لاءِ موت هزار بار بهتر آهي. پرواهہ ناهي جي پنهنجي جنم ڀومي ۽ راڻي لاءِ قربان ٿي ويس. پر بزدلي ۽ غيرتي واري عزت ڪان مون ڪي بهادري جو موت قبول آهي. " انگريزن سندس اهو جواب نہ سنو. هنن ٻي اٽڪل ڪئي جو سندس زال ڪي ڏوڪڙ ڏيئي چيائونس تہ تون مڙس ڪي سمجهاءِ تہ اسان جي آڏ مڃي" مائي هائوڪار ڪئي، ان ڪري ڪيس روپلي وٽ وٺي آيا. زال مڙس ڪي چيو تہ " روپلا! تنهنجي قوم، تنهنجي مرڻ تي تہ ماتم سهي ويندي پر غداري ڪڏهن بہ برداشت نہ ڪندي. ڇو جو مائرون اجا سنڍ نہ ٿيون آهن. جيڪي اجان ڪيئي روپلا پيدا ڪنديون. وڃ سر ڏيئي سنڌڙي ڪي سرخرو ڪر" روپلي اهو ٻڌي خوشي سان ها ڪئي ۽ انگريزن هن محب وطن ڪي 21 آگسٽ 1859ع تي ٻپهر جي وڻ ۾ ڦاهي ڏيئي شهيد ڪيو.

روپلو ڪولهي وطن جو جان نثار ۽ وفادار پٽ هو. هن مرڻ قبوليو پر بي وفا ۽ بزدل نہ ٿيو، ان ڪري سندس نالو تاريخ ۾ زندهہ رهندو. روپلي جي مرڻ ڪان پوءِ ٻيا ڪيترائي سوڍا گرفتار ٿي آيا، جن ڪي انگريزن جاگيرن جي لالچ ڏيئي پنهنجي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر هنن غلامي ۽ بي عزتي جي نذرانن ۽ القابن ڪي ٺڪرائي ڇڏيو ۽ سندن " جي حضوري" نہ قبولي. ان ڪري ئي دشمنن جي قيد ۾، وطن لاءِ ساهہ ڏنائون.

هي ٺڪر سنڌي سوڍا، سنڌ جو سينگار آهن جن پنهنجي وطن جي آزاديءَ لاءِ مرڻ ۽ دشمنن جي جتين چٽڻ ڪان عزت جي موت ڪي بهتر سمجهيو ۽ زندگي قربان ڪري، تاريخ ۾ پنهنجو مقام حاصل ڪيو. جيڪو ملڪ ۽ ملت لاءِ لڙندو آهي، اهو امر بنجي ويندو آهي ۽ ان جو نالو سدائين ڳائبو آهي.

# سيد صبغت الله راشدي

سنڌ سونهاري، فقيرن جي خانقاهن ۽ دويشن جي درگاهن جو مرڪز پئي رهي آهي. انهن درگاهن مان خاص پير ڳوٺ جي درگاهه راشديه آهي. جنهن جون علمي، ادبي ۽ قومي خدمتون، اسان جي تاريخ جو سونهري ورق آهن. هن درگاهه جن شخصيتن کي جنم ڏنو، تن مان سيد صبغت الله شاهه صف اول جا سرموڙ آهن.

سيد صبغت الله شاهه، مردان شاهه جا فرزند هئا. ننڍپڻ کان ئي آزاد طبع، حريت پسند ۽ سامراج دشمن ذهن رکندڙ هئا. جرئت، همت، جوان مردي، جفاڪشي، ارادي جي پختگي، تنظيمي صلاحيتون، تدبر ۽ خودمختياري سندس طبيعت جون اهم خوبيون هيون. فن سپاهيگري جا به وڏا ڄاڻو هئا. قناعت ۽ ڪفايت، سندن زندگي جو شعار هو. هن پنهنجي چوڌاري رونما ٿيندڙ واقعن ۽ حالتن کي غور سان ڏٺو ۽ جاچيو ۽ تاريخ ۽ سياست جي ڪيس چڱي پروڙ پيئي. پاڻ صرف 12 سالن جي عمر ۾ تخت تي ويٺا. اهو انگريزن جو دور هو. جن ديس واسين کي، طرحين طرحين جا عذاب ڏيئي، غلامي جي آڙاهه ۾ پئي جلايو. پير صاحب کي ساري خبر هئي ته، ماضي ۾ سندس وڏن سان، برٽش حڪومت ڇا ڇا نه ڪيو؟ ان ڪري کين انگريزن کان ذاتي نفرت هئي. هڪ ڀيري، سندس چاچي علي گوهر شاهه ثاني جي نالي، انگريزن طرفان مليل ڪو آفرين نامو، فريم ۾ ڪمري جي پٽ تي ڏٺائون. سندس غيور ذهن اهو نه قبوليو ۽ چيائون ته " اسان جا وڏا، کهڙا نه سادا هئا جو الله تعاليٰ، سندن ذاتي عزت ايترو بلند ڪئي، پر تنهن هوندي هي رکي ڇڏيا اٿن" ائين چئي، اهو آفرين نامو ۽ فريم لهرائي ڀڃي ڇڏيائون.

انگريز حڪومت ته اڳئي هن گادي کي، سندس سياسي ۽ خودمختياري جي تحريڪن ۾ حصي وٺڻ ڪري، شڪ جي نظر سان ڏسندي هئي، تنهن ڪري هن پير صاحب تي اثر وجهڻ شروع ڪيو ۽ لالچائڻ لڳي. هڪ ڀيري برٽش حڪومت کين هڪ تلوار، هڪ بندوق ۽ خطاب ڏيڻ جو اعلان ڪيو، پر پاڻ جواب ڏنائون ته " هٿيار اسان وٽ پنهنجا ئي ڪوڙ آهن، ۽ پير پاڳاري جو خانداني خطاب ڪافي آهي. اسان کي هنن هٿرادو خطابن جي ضرورت نه آهي." انگريز ڀلا ڪٿي ٿا اهڙي خودمختيار ۽ حريت پسند سنڌيءَ کي برداشت ڪن؟ ان ڪري ڪوڙو ڪيس ڪري، پير صاحب کي رتنا گري

جيل ۾ قيد ڪري رکيائون. ڏهه سال سزا ڪاٽڻ کان پوءِ هو آزاد ٿي جڏهن وطن وريا، تڏهن پنهنجي جماعت کي منظم ڪرڻ شروع ڪيائون. منجهائن سماجي برائين کي ختم ڪرڻ لاءِ حڪم ڪيائون ته هو هر قسم جي نشي کان پرهيز ڪن، ڪوبه ولائتي ڪپڙو نه پائين، پر پنهنجي ملڪ جو ٺهيل ڪپڙو پائن. ڳوٺن ۾ مسلمان توڙي هندو متفق ٿي رهن ۽ ڪوبه فتنو فساد نه ڪن“ هن مان صاف ظاهر آهي ته پاڻ هندو – مسلم اتحاد قائم ڪري، پنهنجي جماعت مان، معاشرتي برايون ڪڍي منجهن احساس بالاتري پيدا ڪري هڪ متحده محاذ ناهي، انگريز حڪومت خلاف، آزادي جي تحريڪ هلائڻ پئي چاهي. ان ڪري هن ”غازي تحريڪ“ جو بنياد وجهي، پنهنجن مريدن کي حڪم ڪيو ته، سڀ غازي اچي نالو داخل ڪرائين. سوين سرفروش مريد، سر سان ڪفن ٻڌي، ٻنگلي تي اچي گڏ ٿيا. عجيب جوش ۽ جذبي جو سمو هو. هڪ منڊو مريد نالو داخل ڪرائڻ آيو. پاڻ کيس چيائون ته ” تون معذور آهين ڀڄي ڪيئن سگهندين؟“ هن سنڌي سوڍي جواب ڏنو ” قبلا، هت وطن يا مرشد تان سر ڏيڻ جا سودا آهن، ڀڄڻ ڪم ڪائرن جو آهي. يا وڙهبو يا شهيد ٿبو، ميدان ڇڏي ته ڪونه ڀڄبو.“

انگريز حڪومت، پير صاحب جي چر پر تي ڪڙي نظر پئي رکي. ڪين جڏهن غازي تحريڪ جي خبر پئي، ته هنن کي باهه وٺي ويئي. حڪومت پير صاحب تي الزام هنيو ته، هو پنهنجن مريدن کي تربيت ڏيئي، حڪومت خلاف اپاري رهيو آهي. ان ڪر پير صاحب کي گرفتار ڪيو ويو. بس پوءِ ته وٺ وٺان ٿي ويئي. حرن ۽ انگريزي سپاهين جو دوبدو مقابلو ٿيو. ساري سنڌ ۾ باهه ٻري ويئي. مارشل لا جاري ٿي ويئي. بيشمار فساد ٿيا. سرڪاري علمدار مئا، ريلون ڪريون، پوليس ٿاڻا سڙيا، دفتر ڀسم ٿيا، نوجوان ۽ بهادر سنڌي سوڍن کي سنگينن سان چيريو ويو، ڪن کي ڪاري پاڻي اماڻيو ويو، ٻڍن ٻارن ۽ عورتن کي قيد ڪيو ويو. پير صاحب ۽ انگريزن واري اها جنگ ڪنهن به حالت ۾ ويٽنام ۽ الجزائر جي جنگين کان گهٽ نه آهي. ان جنگ ۾ بمبار هوائي جهاز، ٽئنڪ ۽ توبون استعمال ڪيون ويون ۽ هن ۾ به بمبئي کان جهاز اچي سنڌ تي بمباري ڪندا هئا، پر پير صاحب کي ڪوبه رنج يا ملال نه ٿيو، پر پاڻ خوش ٿيندي چيائون ته” حق جي راهه ۾ شهادت حاصل ڪرڻ، منجهن ابن ڏاڏن جي سنت آهي. اسان جنهن شيءَ کي حق سمجهون ٿا، ان لاءِ ڦاسي تي چڙهڻ اسان لاءِ عبادت آهي، اسان غلام ٿيڻ لاءِ نه پر غلامي جي زنجيرن کي ٽوڙڻ پنهنجو، مقصد حيات سمجهون ٿا.“ آخر پاڻ 20 مارچ 1943ع تي صبح جو 8 بجي سر ڏيئي سرها ٿيا.

پير صاحب تحريڪ آزادي جا عظيم شهسوار هئا، ڪين مڪمل يقين هو ته، سندن قائم ڪيل هلچل ضرور ڪامياب ٿيندي غازي تحريڪ وقت، هڪ فقير ڪائنن پڇيو ته ” قبلا“ انگريزن کي تڙي ڪڍڻ ۾ ڪيئن ڪامياب ٿبو؟ ته پاڻ چيائون ” انشاءَ الله توهان ۽ اسان مان، جيڪي جيئرا هوندا، سي پاڻهي ئي رنگ ڏسندا. “ ۽ هي تاريخي حقيقت آهي ته انگريزن کي پڇايو سنڌ جي هن مجاهد ۽ سنڌي سورهين.!

پيرصاحب نهايت سادا ۽ شريف انسان هئا، تڪبر ۽ وڏائي کان پري هئا، پنهنجي ماني پاڻ پچائيندا هئا، پنهنجن فقيرن سان گڏجي رواجي ڪم به ڪندا هئا، پر تڏهن به خودار ۽ عزت نفس جا مالڪ هئا. هڪ آفيسر ڪائنس پڇيو ته ” اوهان سرڪار ۽ سرڪاري ڪاموري جي عزت ڇو نه ٿا ڪريو؟ تڏهن چيائون ته ” عام هلت چلت ۽ اطوار ڏسڻ کان پوءِ، جڏهن اوهان جي عزت ڪرڻ جو رهڳو خيال اچي ٿو ته، مون کي نسل ۾ شڪ پوي ٿو ته آءُ ڪو حسيني آهيان.“

# هيمون ڪالاڻي

1942ع جو زمانو هو. ساري هندستان تي انگريزن جو قبضو هو. ۽ ڪر پوسات جو دور هو. برطانوي سامراج پاران مڙهيل جاگيرداري نظام، سيني غريبن جو رت چوسي ڇڏيو هو. مسڪين پورهيتن جي زندگي خراب ٿي چڪي هئي. اقتصادي ڦرلٽ چوٽ چڙهيل هئي. محب وطن ۽ آزادي جي پتنگن ڪي، ڪڇي برطانيا وچڙ لڳي ۽ هتان جو عوام ڏينهون ڏينهن ويو بکن ۾ ڳرندو ۽ جهرندو. اها حالت ڏسي، سنڌ ۾ حر تحريڪ شروع ٿي ۽ وچ هندستان ۾، مهاتما گانڌي ” هندستان خالي ڪريو“ جو نعرو هنيو. ان وقت ماڻهن جي دلين ۾، انگريزن خلاف نفرت جا آڙاھ پئي ٻريا. ان ڪري هندستان جي آزاديءَ لاءِ هرڪو هن نعري ڪي ڪي لبيڪ چوندو اڳتي وڌيو. هن نعري جو پڙاڏو سکر جي هڪ نوجوان جي ڪن تي به پيو هو. ڳڀرو هو، الهڙ هو، نئون رت هوس. هن چاهيو ٿي ته هي ظالم سامراج، جنهن اسان جي ڌرتي تي، رت جي راند ڪيڏي آهي ترت ختم ٿئي. هن جو نالو راهي هيمن هو، پر پيار مان ڪيس هيمون چوندا هئا. هو 11 مارچ 1924ع ۾ پراڻي سکر ۾ ڄائو. سندس پيءُ پيسو مل ٺيڪيداري ڪندو هو. هو ان وقت مئٽرڪ جو شاگر هو. منجهس سياسي ڄاڻ ۽ قومي شعور هو، آزادي جي تڙپ ۽ ولولو هو. سندس ڄاڻ سڃاڻ اهڙن ماڻهن سان هئي، جيڪي آزادي جي راھ جا پانڌيئڙا هئا. 23 آڪٽوبر جي رات هئي، جڏهن هنن کي خبر پيئي ته فوجين سان ڀريل، هڪ اسپيشل ٽرين اچي پئي، جيڪا سکر مان ٿيندي ۽ لازمن اهي فوجي ديس جي آزادي جي شمع تان، پتنگن وانگر سر ڏيندڙن لاءِ، اجل جو سبب بڻيا. هنن گڏجي، فوجي ٽرين کي ختم ڪرڻ، سر تري تي رکي ريل جي پٽڙيءَ کي اکيڙڻ جو ڪم شروع ڪيو. عين وقت ڪيس سپاهي فيروز خان پڪڙي ورتو ۽ سندس ٻيا ساٿي ڀڄي ويا. هيمون کي جيل ۾ وجهي، مٿس ڇا ڇا نه تشدد ڪيو ويو هن کي سخت سردي ۾ برف جي بلاڪن تي 22 ڏينهن لاڳيتو اگهاڙو سمهاريو ويو، ڦٽڪا هنيا ويا، لوھ جي تتل سيخن سان ڏنڀ ڏنا ويا، پر هن ڪجھ نه سليو. آخر ڪيس ڪورٽ مارشل ڪيو ويو. جتي هڪ دفعي چيو هئائين ته ” مون ريلوي لائين ان لاءِ اکيڙي ٿي ته، فرنگين جي ٽرين کي، ناس ڪريان ته بدقسمتي جو ان ۾ ناڪامياب ٿيس“ اهو اقراري بيان سندس جرئت ۽ همت جي نمائندگي ڪري ٿو. ٽي سال ساندھ ڪيس هليو ۽ آخر ڪيس ڦاسيءَ جي سزا ڏني ويئي، جيڪا دنيا جي تاريخ ۾ هڪ بالغ ٻار کي

پھرين سزا هئي. موت جي سزا منظور ٿيڻ کان پوءِ، هيمون جي وڪيل، پيرزادي عبدالستار، سندس مامي کي موڪليو ته هو هيمون جي هٿ اکرن سان معافي نامي تي صحيح وٺي اچي ته ڪيس معافي ملندي. پرهن چيو ته ” ڦاسيءَ جو ڏپ ڪائرن کي ٿيندو آهي، جيڪي پنهنجو ضمير چانديءَ جي چند سڪن تي وڪڻي ڇڏيندا آهن. موت جو نالو وٺي، مون کي ڏيڄارڻ جي ڪوشش نه ڪريو. معافي ان لاءِ وٺان ته مون پنهنجي ڪارڪردگي تي پڇتايو هجي، پر ائين نه آهي. مون کي پنهنجي ڪئي تي فخر آهي، ناز آهي. جيئرو رهيس ته اهڙا ڏوهه وري ڪندس. فرنگين کان معافي گهرڻ تي، ڌرتي جي آزادي وارو موت هزار درجا بهتر آهي. موت کان گيدي ڏڄندا آهن. پر وطن جي سپاهي، سوري کي سينگار سمجهندا آهن ۽ رت کي سهاڳ جي ميندي جو رتبو ڏيئي سيني سان لائيندا آهن.“ جڏهن ساڻس ماءُ آئي ۽ ان به ڪيس معافي وٺڻ لاءِ چيو. ان کي جواب ڏنائين ته ” تون منهنجي ماءُ آهين ۽ مون کي سڄي دنيا کان پياري آهين پر منهنجي ماءُ هڪ ٻي به ماءُ آهي، جنهن جو درجو ۽ مرتبو تون کان به اتاهون آهي. اها آهي هن نندي کنڊ جي ڌرتي. مان ان سنڌين جي ڌرتي ماتا تان صدقو ٿو ٿيان. دعا ڪجائين“ هيمون جي انهيءَ جذبي ۽ حب الوطني جي لڳاءُ، دشمنن کي به ڏڪائي ڇڏيو. چون ٿا ته هو جيل ۾ نهايت خوش رهندو هو ۽ پنهنجن ڏورن تي هٿ هڻي چوندو هو ته ” هنن بازن کان ڪم وٺڻو آهي ۽ انگريزن کي ملڪ مان پڄائڻو آهي“. هو چوندو هو ته ” جڏهن مان آزاد ٿيندس ته ان کان به وڌيڪ ڪم ڪندس ۽ ايستائين ڪندو رهندس، جيستائين انگريز ملڪ نٿو ڇڏي.“ هو دوستن کي چوندو هو ته ” هو مت جي ڪري لڇي نه ٿيندو پر هڪ بهادر جي موت مرندو ۽ ٿيو به ائين! هن 21 جنوري 1943ع جي صبح جو سوريءَ کي چمي ڏيئي، آزادي جي حور مٿان سر قربان ڪيو.

هميون تاريخ جو عظيم ڪردار آهي. اهڙي سورهيائي، ثابت قدمي ۽ سرفروشيءَ جو مثال دنيا جي تاريخ ۾ نه ٿو ملي جو هڪ معصوم ٻار دار کي چميو هجي. امين ڪوسي سچي چيو آهي ته ” هيمون جو موت هڪ بهادر جو موت آهي، جيڪو ميتاجڻ ۽ ميسارجڻ جونه آهي.“

# حسن علي آفندي

جهالت رڳو لکي پڙهي نہ ڄاڻڻ کي ڪونہ چئبو آهي، پر وقت جي نين تقاضائن کان منهن موڙڻ بہ جهالت جو ٻيو نالو آهي. هي معاشرو تغير پذير آهي ۽ نوان نوان هنر، فن ۽ فڪر ايندا رهن ٿا. جيڪا قوم وقت کي سڃاڻي ان جو ساٿ نہ ٿي ڏئي تہ اها مقابلي جي ڊوڙ ۾ بنھ پوئتي رهجي ويندي آهي ۽ تاريخ ۾ ان جو وجود بہ ختم ٿي ويندو آهي. جن ماڻهن تعصب ۽ تنگ نظري يا روايت ۽ قدامت پسنديءَ وچان، زماني جي نون قدرن ۽ تقاضائن کي قبول ۽ اختيار ڪرڻ کان انڪار ڪيو، اهي ٻين ترقي يافتہ افراد هٿان، پستي ۽ غلامي جي ڪن ۾ غرق ٿي ويا. ساڳي حالت اسان سنڌي مسلمانن سان 1857ع جي جنگ آزادي کان پوءِ ٿي. اسان انگريزن سان دشمني ۽ نفرت وچان، انگريزي ٻولي سکڻ کان پاسو ڪيو ۽ جديد علم ۽ فڪر جا دروازا، اسان لاءِ بند ٿي ويا. ان جو نتيجو هي نڪتو جو هندو وقت جو فائدو وٺي وڏن درجن تي پهتا ۽ اسان اقتصادي ۽ سياسي طاقت ۾، توڙي سماجي حيثيت ۽ درجي ۾ هندن کان پوئتي رهجي وياسون. ان وقت سنڌ جو ڪمشنر مسٽر جينڪنس هو. هو سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي حالت بابت لکي ٿو تہ " سنڌ جا مسلمان، تعليم ۾ تمام پوئتي پيل آهن، هن وقت ڊي جي سنڌ ڪاليج، ڪراچي ۾ فقط ٽي مسلمان شاگرد آهن ۽ گورنمينٽ هاءِ اسڪول مسلمانن کي تعليم ڏيڻ ۾ بري طرح ناڪام ٿي رهيا آهن."

اها صورتحال سنڌ جي مسلمانن لاءِ تباھہ ڪن هئي ۽ ان کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪنهن ترت ڪارگر علاج جي ضرورت هئي. ان وقت حسن علي آفندي، مسيحاءِ قوم بنجي ميدان ۾ آيو ۽ هن سنڌي مسلمانن جي ان بيماري جو واحد علاج " جديد تعليم " ۾ سمجهيو هو.

خان بهادر حسن علي پٽ ميان احسان 1830ع ۾ حيدرآباد جي هڪ غريب گهر ۾ ڄائو. خانگي طرح، هن سنڌي، عربي ۽ فارسي تعليم حاصل ڪري، ڪائين جي هڪ منڊي تي نوڪر بيٺو. ان کان پوءِ منشي ٿيو، ڪلارڪ ٿيو ۽ پنهنجي محنت ۽ جفاڪشي سان انگريزي سکي، قانون ۾ مهارت حاصل ڪري وڪيل ٿيو. هو ڪراچي جو پهريون مسلمان وڪيل هو. وڪالت مان هن تمام گهڻو پئسو

ڪمايو ۽ سندس شماران وقت جي آسودن گهراڻن ۾ ٿيڻ لڳو. پر اها دولت ۽ پئسو هن کي پنهنجي قوم کان ڌار نہ ڪري سگهيو. هو پنهنجي قوم جي ڪرندڙ حالت کان غافل نہ هو. ڪيس ان جي بهتري ۽ بهبودي جو خيال ستائيندو رهندو هو. هن مسلمانن جي ڀلي لاءِ پهرين ”انجمن اسلام“ قائم ڪئي، جنهن کي سرڪار طرفان مالي مدد ملڻ لڳي. هن انجمن جي ڪوشش سان ڪراچي ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ مسلمان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ اسڪول کليا ۽ تعليم ۾ واڌارو آيو. اهڙي طرح سنڌي مسلمان ڪجهہ جديد علم سان روشناس ٿيا.

هن دور ۾ حسن علي کي پنهنجن ٻارن جي اعليٰ تعليم لاءِ علي ڳڙهہ وڃڻو پيو. اتي هن ڏٺو تہ جيڪر سنڌ جي مسلمانن لاءِ نہ ڇونہ هن قسم جهڙو ڪاليج ڪراچي ۾ قائم ڪجي. بس! اتان موٽڻ کان پوءِ هن اها ڪوشش شروع ڪري ڏني. هو هڪ باهمت ۽ مڙس ماڻهو هو. پنهنجي ذاتي همت ۽ ڪشالي سان، ايڏو مان ۽ مرتبو حاصل ڪيو هئائون ان ڪري سندرو ٻڌي هن ڪم ۾ هٿ وڌائون. ماڻهن جي ميڙن کي خطاب ڪيو. وڏيرن، زميندارن ۽ سرمائيدارن کي منٿون ڪيون. چندا وصول ڪيا. هو ان مقصد خاطر، مدراس ۽ ڪلڪتي تائين بہ بيک مڱڻ ويو. سندس مخالفت بہ وڏي پئماني تي ٿي. ڪن ڪيس انگريزن جو پٺو سڏيو. ڪن ان تعليم کي اسلام جي خلاف سڏيو، ڪي وري مدرسة الاسلام کي ”مدرسہ شياطين“ چوڻ لڳا. پر هن دل ۾ نہ لاتي. ڪيس هي خبر هئي تہ چڱي ڪم جي هميشہ مفاد پرست مخالفت ڪندا آهن. هو قوم جي ترقي کي پنهنجي انا جي خلاف سمجهندا آهن. هن پنهنجي ذاتي بي عزتي کي قوم جي ڀلي تي قربان ڪري ڇڏيو. مدرسي لاءِ هن لاڳيتو ٻارهن سال محنت ڪئي ۽ آخر پهرين سيپٽمبر 1885ع ۾ هن جو بنياد پيو ۽ هڪ مسواڙي جاءِ ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. داخلا جي رٿا هيءَ تيار ڪئي ويئي تہ ”سنڌ جي 52 تعلقن مان في هڪ هوشيار ڇوڪرو هڪ تعلقي مان جديد تعليم مطابق چونڊيو وڃي ۽ انهن جي تعليم، تربيت رهائش ۽ کاڌي خوراڪ جو بندوبست ڪاليج طرفان ڪيو وڃي. انهن جي پاس ٿيڻ کان پوءِ، تعلقن مان ساڳي طرح ٻيا نينگر بہ چونڊڻ گهرجن. اهڙي نموني اهو تعليمي سلسلو هلندو رهي.“ مدرسي شروع ٿيڻ کان پوءِ آفندي چپ ڪري نہ وينو، پر ان بلڊنگ لاءِ ڪوشش ڪري عاليشان عمارت بہ ٺهرائي.

سنڌ مدرسي کي اسان جي تاريخ ۾ وڏو مقام حاصل آهي، هن اڻ مٽ نشان ڇڏيا آهن. هن مدرسي سنڌ جي مسلمانن ۾ تعليمي، ادبي، قومي، ۽ سياسي سجاڳي پيدا ڪئي. هن وڏا وڏا عالم، بزرگ ۽ سياستدان پيدا ڪيا، جن اڳتي هلي تحريڪ آزادي ۽ ادب ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. قائداعظم

محمد علي جناح، غلام حسين هدايت الله، ڊاڪٽر دائود پوٽو، علامہ آءِ آءِ قاضي، اي ڪي بروهي، پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهہ، شمشيرالحيدري اهڙا شخص آهن جن جو ملڪ ۽ ملت لاءِ ڪيل خدمتون تاريخ جو هڪ باب آهن ۽ ان تاريخ جي سونهري باب جو نقطئہ آغاز مرحوم حسن علي آفندي آهي، جنهن ثابت ڪيو تہ ” انسان مرندا نہ آهن، پر پنهنجن ڪارنامن سبب سدائين زنده رهندا آهن. “

# جمشيد نسروانجي

هر ساهه وارو مولا جي مخلوق آهي. پوءِ اهو جيت هجي يا جن، پکي هجي يا پرندو، جانور هجي يا پسون. انسان ته سڀ کان افضل پر بي زبان ۽ گونگي خلقت جي سار سنڀال ڪرڻ ۽ ان جي ڏک سک جو خيال ڪرڻ به وڏي عبادت آهي. الله جي راضپي جو راز انهيءَ ۾ ئي سمايل آهي. اسان کي پنهنجو مذهب سيکاري ٿو ته "گگدامن تي ڪهل ڪريون، ساهه وارن جي سار لهون ۽ بي زبانن سان رحمدلي وارو سلوڪ ڪريون" پاڻ سڳورن ﷺ جو فرمان آهي ته "ساهوارن کي نه ڏکويو" پر ايتري تاڪيد ڪئي اٿن ته "سائو وڻ به نه وڍيو" اسان جي سنڌ ۾، اهڙا ڪيترائي انسان ٿي گذريا آهن، جيڪي پيغمبر انسانيت ﷺ جي هن قول جو عملي نمونو هئا. اڄ مان اوهان کي انهن مان "جمشيد نسروانجي" جون ڳالهيون ٿو ٻڌايان.

جمشيد نسروانجي ڪراچي جي مشهور پارسي خاندان جي خان بهادر نسروانجي ميهتا جو پٽ هو، جنهن وٽ دولت جا انبار هئا. ڪراچي ۾ سندس ڪاروبار لکن ۾ هوندو هو. جمشيد جيئن ڄائو ته چوڌاري نوڪر چاڪر هٿ ادب جا ٻڌيو بيٺل ڏٺائين. ڪيس ڪاٽي پيچي ٻيٽي نه ڪرڻ پيا ڏينس. ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان پليو. آرام ۽ سڪون سان تعليم حاصل ڪيائين. آخر وڏو ٿيو ته شادي کان جواب ڏنائين. ٺٺ ٺانگر ڇڏي، سادي زندگي گذارڻ شروع ڪيائين. پائڻ سادو، پهرڻ سادو، کائڻ سادو. ڪاٺ جي صندل تي چادر وڇائي سمهڻ لڳو. پنهنجي روزاني زندگيءَ جا اڌ ٺي پهر خالق جي مخلوق لاءِ خرچ ڪرڻ لڳو. سڄ اپريو همراهه موٽر تي چڙهيو. ميلن جا ميل پري وڃي، بيوهه عورتن، يتيم ٻارن ۽ مسڪين ماڻهن جا ڏک سور ٻڌي انهن کي دور ڪرڻ لڳو. ڪراچي ۾ ڪٿي باهه لڳي، ڪو حادثو ٿيو، ڪو بيمار ٿيو، ڪٿي موت ته هن جو آرام ڦٽو. شادي ۾، غمي ۾، ڏک ۾ سک ۾، مطلب ته هردم هي مهتو متل نظر ايندو. هو خلق جو خاد ۽ خيرخواهي چاهيندڙ اعليٰ اصولن جو مالڪ هو. سندس زندگي جو مقصد هو خدا جي هر مخلوق جي سواءِ ڪنهن مت ڀيد جي خدمت ڪرڻ. هن حياتي جو هر لمحو سجايو خرچ ڪيو. سواءِ ڪنهن غرض، لالچ ۽ طمع جي انسانن جي خدمت ڪندو رهيو. سندس چوڻ هو ته "عوام کان خدمتن جو بدلي طلب ڪرڻ جي اميد نه رک. اڪثر ان جو بدلو ناشڪري ملي ٿو. هن غريبن ۽ مسڪينن،

ڏتڙيل ۾ ڏکويلن لاءِ رليف فنڊ قائم ڪيو، جنهن مان سندن مدد ڪندو هو. هن فقيرن جا سوال ميجيا ۽ ڪوڙهين ۽ بيمار جا مرڪز قائم ڪيا. سندس سخاوت جي ڪمن مان هزارين ماڻهن فائدو حاصل ڪيو. هو خيرات اهڙيءَ طرح ڏيندو هو جو ٻئي هٿ کي خبرئي نه پوندي هئي. هن نه ڪنهن جي گلا ڪئي ۽ نه ئي بي عزتي. ڪوئيٽا ۾ جڏهن زلزلو آيو تڏهن سندس نند ڦٽي ويئي، بروقت اتي وڃي پهتو. 1929ع واري برسات ۾ 1942ع واري ٻوڏ ۾، هر وقت مصيبت زدن ۾ ستايلن جي مدد ڪندو رهيو. ان ڪري ئي کيس ”مهر پريو مهتو“ ۾ محبت جو اوتار سڏيندا هئا.

جمشيد، انسان ته ڇڏيو پر حيوانن، بي زبان پکين پرندن جي به پيو خدمت ڪندو هو. وڻن ٽڻن ۾ ٻوٽن جي پيو سار لهندو هو. ٻين جي حقن جي احترام ڪرڻ جي اها حد هئي جو تڙ به ماپيل ۾ توريل ٽانءُ سان ڪندو هو ته متان گهڻي پاڻي خرچ ڪرڻ ڪري ڪراچي جو ڪو ماڻهو، جانور يا وڻ ٽڻ ڍڪ پاڻي کان، محروم رهي اڄ جو شڪار نه ٿي وڃي. هو جڏهن ڪراچي جي ميونسپل ڪارپوريشن جو سربراهه ٿيو، تڏهن حڪم ڪيائين ته جانورن جي حقن جو احترام ڪيو وڃي. گگدامن تي کهل ڪجي. چٽر گڏه يا منڊو گهوڙو ڪم نه آڻجي. سواري مقرر انداز ۾ ڪٽجي. هن زخمي جانورن لاءِ اسپتالون ٺهرايون ۽ انهن لاءِ ٿڌي پاڻي جا حوض ٺهرايا. پاڻ جانورن سان بي رحمي جي ڪيسن پڪڙڻ لاءِ باقائده جج ۾ مئجسٽريٽ مقرر ڪيا، جيڪي شهرن ۾ گشت ڪندا هئا. انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي ته جمشيد، پنهنجي موٽر ۾ چڙهي، ميونسپالٽي جي آفيس ڏانهن ويو ته رستي تي هڪ چٽيل ۾ زخمي گڏه ڏٺائين جنهن جي ڦٽ مان گند ٿي وهيو ۽ مکين پئي پون پون ڪئي. پاڻ يڪدم موٽر مان لٿو گڏه کي پيادل ڪاهي اسپتال وٺي آيو. پنهنجي سامهون ان جي ملم پٽي ڪرايائين ۾ ڊاڪٽر کي چوڻ لڳو ته ڦٽ کي هوريان هوريان صفا ڪري ته متان گگدام کي درد به ٿئي. ملم پٽي کان پوءِ ڊاڪٽر کي حڪم ڪيائين ته ”گڏه کي ايستائين اسپتال ۾ رکيو وڃي، جيستائين هو چاڪ چڱو ڀلو ٿئي ۾ سندس کاڌ خوراڪ جو به بندوبست ڪيو وڃي“ جنهن جو سارو خرچ هن پنهنجي کيسي مان ڏنو. وڌي ڳالهه ته گڏه جي مالڪ کي هٿ ٻڌي منت ڪيائين ته في الحال ڪائنس ڪم نه وٺي، جيستائين هو تندرست نه ٿئي ۾ ان لاءِ هو پنهنجي مزدوري جو حساب ڪائنس وٺندو رهي. ڪيس ڪجهه اڳوات پئسا به ڏنائين.

ٻارو اهڙا انسان الله وٽ پيارا هوندا آهن، جيڪي سئو ساهوارن جي سک لاءِ خرچ ڪندا آهن.

# ديوان ڏيارام گدومل

ديا جي معنيٰ آهي ٻاجھہ، رحم ۽ ڪهل. دياوان ان کي چئبو آهي جيڪو رحمدل هجي ٻئي جو ڏک پنهنجو سمجهي، ٻئي کي تڪليف ۾ ڏسي مٿس ڪهل ڪري. ديوان چئبو آهي معتبر ۽ عزت واري واڻئي کي. اڄ مان اوهان کي هڪ اهڙي ديوان جو ڳالهيون ٿو ٻڌايان، جنهن ديا ۽ رحم جا واهڙ وهائي ڇڏيا. اهو آهي ديوان ڏيا رام، جيڪو حيدرآباد جي شهر ۾ شاهاڻي خاندان مان هو. سندس پيءُ منشي گدومل، ميرن جي درٻار ۾ وڏي مرتبي ۽ درجي وارو هو. ديوان ڏيارام، عربي، فارسي ۽ سنڌي پڙهي، انگريزي ۾ بي اي ۽ ايل ايل بي جا امتحان پاس ڪري جج ٿيو. هن انهيءَ عهدي تي رهي سدائين انصاف جو ساٿ ڏنو ۽ مظلومن جي مدد ڪئي. سندس فيصلا سنڌ جي عدالتي تاريخ ۾ هميشہ ياد رهندا. هن ڏوهي کي ڪڏهن بہ نہ بخشو، پوءِ اهو ڪٽي ڪيڏو بہ وڏو ماڻهو چونہ هجي.

هڪ دفعي شڪارپور جو هڪ وڏو سيٺ زنا جي ڪيس ۾ گرفتار ٿي آيو. سيٺين کي پڪ هجي تہ جج صاحب هندو آهي ۽ ذات پات جو خيال رکي، هو سيٺ کي ضرور آزاد ڪندو. پر خبر تڏهن پئي جڏهن ڪيس ست سال سخت پورهئي سان سزا ملي. ساڳي نوڪري ۾ هو سنڌ کان ٻاهر سورت، احمد آباد، پوني ۽ خانديش ويو. جتي بہ حق ۽ انصاف جو پاسو نہ ڇڏيائين. اُهي اُهي فيصلا ڪيائين جو عوام ۽ سرڪار کي ڏندين آڱريون اچي ويون. خانديش ۾ هڪ انگريز ڪليڪٽر ڪنهن سرڪاري ڪيس ۾ وٽس سفارشي ٿي آيو، پر هن ڪيس دروازي تان ئي موٽائي ڇڏيو.

احمد آباد جي هڪ مسجد جي پلاٽ تي ڪن هندن قبضو ڪيو. پريا 9 سئو سال گذري ويا، پر ڪنهن بہ جج کي همت نہ ٿي جو حقي فيصلو ڪري. جيئن ئي ديوان پهتو تيئن ئي مسجد جي فائدي ۾ فيصلو ڪري هر هڪ کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيائين. مورخن جو رايو آهي تہ منصفي ۽ بي ريائي جي هڪ اهڙي روايت قائم ڪئي، جيڪا سنڌ جي معاشري لاءِ، پوءِ بہ امتياز ۽ قومي سرخروئي جو سبب بڻي. سنڌ جو حج ۽ انصاف نہ ڪري، اها ڳالھ سوچ ۾ ئي نہ ايندي هئي.

ديوان ڏيارام هڪ سچو پچو انسان هو. کيس انسان ذات سان محبت هئي، هر وقت غريبن جي جاني ۽ مالي مدد ڪندو رهندو هو. کيس 1120 روپيا ماهوار پگهار ملندو هو. جنهن مان صرف ڏيڍ سئو پنهنجي خرچ لاءِ رکيائين ۽ باقي ساري رقم خير جي ڪمن تي صرف ڪيائين. هن ڌرمائو ٽرسٽ قائم ڪري پنهنجي سموري ملڪيت ان جي حوالي ڪئي. ٽرسٽ جي مقصد بيان ڪندي لکيو هئائين

تہ ” علم عام ٿئي، دکي انسانيت جي ملم پٽي ٿئي. خلق خدمت جي ادارن جي سار سنڀال ٿئي، علم، صحت ۽ سهائتا جي امداد ٿئي، غريبن کي پورهيو رسايو وڃي، محتاجن جي سار لڌي وڃي. شيوا ڌاري سوسائيٽين جي دل کولي مدد ڪئي وڃي.

اهو سندس قول نہ هو پر هن لکت جو عملي نمونو هو. 1898ع ۾ جڏهن حيدرآباد ۾ پليگ جهڙي موذي مرض منهن ڪڍيو، تڏهن پاڻ ٽي مهينا موکل وٺي ” پليگ اسپتال “ کوليائين جنهن ۾ چار ڊاڪٽر ۽ سورهن نرسون ڪم ڪنديون هيون، جن جي پگهار پنهنجي کيسي مان پاڻ ڏنائين روزانو 5 ڪلاڪ اسپتال ۾ ڪم ڪندو هو ۽ باقي وقت بيماري خلاف اپاءُ وٺڻ ۽ شهر ۾ صفائي ڪرائڻ تي صرف ڪندو هو. جڏهن ٿر ۾ ڏڪر پيو تہ پاڻ وڃي سستي علاج جا دڪان کوليائين ۽ نون کوهن کوٽائڻ ۾ مدد ڪيائين.

احمدآباد ۾ ڪوڙهہ جي مرض منهن ڪڍيو تہ بيمارن جي دوادرمل ڪرڻ لڳو. ڌرمپور ۾ سلهہ جو سينيٽوريم کولرايائين جيڪو اڄ بہ هلي پيو. ” غريبڙي بئنڪ “ کولي، مسڪين ماڻهن ۾ پئسي جي بچت جي عادت وڌائين.

ديوان ڏيارام کي، غريب ماڻهن جي تعليم جو ڏاڍو اونو هوندو هو. منجهن علمي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ، ڪيترائي ڪاليج ۽ اسڪول کوليائين. حيدرآباد ۾ عورتن جي تعليم لاءِ اسڪولن جو ڄار وڇرايائين. سنڌ ۾ بہ ڪاليج سندس مدد سان کليا.

ايڏي وڏي ملڪيت ۽ پئسي هوندي بہ ديوان صاحب تمام سادو سودو هوندو هو. اڇا کاڌي جا ڪپڙا ۽ مٿي ت پڳڙي. سادگي جي انتها اها هئي جو ڇتين لڳل ڪپڙا پائيندو هو، جن کي ڌوئيندو بہ پاڻ هو. پٽڪي ٻڌڻ لاءِ پاڻ وٽ آئينو بہ نہ رکيائين، پر آفيس جي شيشن ۾ پاڻ ڏسي، پڳڙي کي ٺاهيندو هو. انڪسار ۽ ملنسار، حد کان وڌيڪ هو. سٺو اديب ۽ شاعر بہ هو. ستر کان مٿي سنڌي، فارسي ۽ انگريزي ڪتاب لکيائين. مطلب تہ ديوان ڏيارام اهڙو سڌارڪ هو، جنهن پاڻ جلائي، پنهنجن ماڻهن جي اونداهين گهرن ۾ روشني آندي ۽ پنهنجي زندگي جي هڪ گهڙي بہ ضايع نہ ڪئي ۽ پنهنجي پگهر جي ڪمائي، ساري قوم جي ڀلي تي خرچ ڪئي.

# مائي ڄيٺي سپاهيملاڻي

سنڌ جي سرزمين، اهڙين ڪيترين ئي صدورين سياڻين ۽ سرويچ نياڻين ڪي جنم ڏنو آهي، جن تاريخ جي هر دور ۾ ظلم، ڏاڍ ۽ ناانصافي خلاف جنگ جوتي، نہ صرف آواز اٿاريو، پر جنهن سهاڳڻ ۽ لخت جگرن جي قرباني ڏيئي بہ ديس جي مٽي ڪي ملهايو ۽ مان مٿاهون ڪيو. سومرن جي دور ۾ سنڌي عورت، ديس جي ڌارين جي غلامي ڪان بچائڻ لاءِ سڄو خاندان قربان ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ بہ ميدان ۾ نڪري آيون. هنن ۾ وطنيت، خود قرباني، استقلال ۽ همت جو ايڏو تہ جذبو هو جو پنهنجي وطن ۽ ان جي ناموس لاءِ سر ڌڙ جي بازي لڳائي ڇڏي. هن دور ۾ سنڌي عورت سياست ۽ دفاع ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. مائي تارا ٻائي دودي پهرئين جي ڌيءَ پهرين عورت آهي، جنهن ساري برصغير ۾ پهريون پيرو حڪومت ڪئي. ان ڪان سواءِ سنگهار جي مرڻ ڪان پوءِ، سندس زال همون ٻائي حڪومت جون واڳون سنڀالي، هوشمندي سان راڄ ڪيو. اڄ مان اوهان ڪي هن صديءَ جي هڪ اهڙي ناتوان سنڌي عورت جي ڳالھ ٿو ٻڌايان، جنهن ملڪ جي آزادي، خودمختياري ۽ عوام جي ڀلائي ۽ بهتري لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏي. ڏينهن رات ٻين جي ڪم اچڻ لاءِ پنهنجي وجود ڪي وسارڻ سندس شيوو هو. هن مائي ملڪ جي سياست ۽ معاشرت ۾ ڀرپور حصو ورتي، پنهنجي قوم مان مٿاهون ڪيو. سندس نالو هو مائي ڄيٺي. هو ڄائي نپني، حيدرآباد جي سيٺ تلسيداس سپاهيملاڻي جي گهر ۾ ۽ مئٽرڪ جو ۽ بي اي جا امتحان ڪراچي مان ڏنائين.

اهو زمانو گورن جي حڪومت جو هو، ڪارن لاءِ ڦهري قانون جڙيل هئا. هيءَ مڙس ٿي اچي ميدان ۾ لٿي. تعليم ڪي ڇڏي ڏنائين، بس پوءِ ڪيڏهن جيل ۾ تہ ڪڏهن ريل ۾. ڪيس ڪيڏيون بہ تڪليفون آيون ۽ تشدد ٿيا، پر هن مقصد ڪي نہ ڇڏيو ۽ ملڪ واسين ڪي نہ وساريو. هو ارادي جي پڪي هئي. سندس دوستي ۽ دشمني، قومي مقصد ۽ آزادي خاطر هئي. هن جي راھ ۾ جيڪي بہ پٿر آيا، تن ڪي هن ٺڏي ڇڏيو. هٿڪڙين ڪي چوڙيون ۽ جيل ڪي پيڪو گهر ڪري ڇڏيائين. هن ۾ خود قرباني جو جذبو هو ۽ آزادي جي واٽ ۾ سندس ارادو اٽل هو ۽ هو ان ڏس ۾، بي خوفي سان اڳتي وڌندي رهي. 1942ع جي ڳالھ آهي تہ "ڪئٽ انڊيا " جي هلچل جي ڪري هو جيل ويئي. سخت گرمي ۽ جيل جي ڪم ڪيس ڪمزور ڪري ڇڏيو ۽ هڏا بہ نڪري آيس هوم منسٽر ڪيس ڏسڻ ويو. چيائينس تہ " بيمار ٿي ڏسجين، تو ڪي جيل مان آزاد ڪرڻ گهرجي" منسٽر خيال ڪيو تہ هوءَ بہ ڪيس آزادي لاءِ منٿ ڪندي پر هن غيور عورت، ان ڪي پنهنجي خودداري ۽ آزادي جي هلچل جي روايتن

خلاف چاڙهيندي ڪيس جواب ڏنو ته ” جن جهليو آهي، انهن تي ڇڏيل آهي ته، جيڪي وڻين سو فيصلو ڪن، پر جيڪڏهن توهان پائين ته آءُ پنهنجي رهائي لاءِ توکي عرض ڪنديس يا ڪو يقين ڏياريندس ته ڪنهن کي به اهڙي اميد منهنجي جتي مان به رکڻ نه گهرجي. “ ڪيڏو نه جرئتمندانه جواب آهي. ڏسو ته سهي هڪ نازڪ اندام ناري ورهين جا ورهيه جيل ۾ رهي، پوءِ به ايڏي خوداري.

ٻئي دفعي جي ڳالهه آهي ته، سندس غلام حسين سنڌ جو وزير اعليٰ هجي. هن خيال ڪيو ته مائي جيئي وڏين تڪليفن ۾ آهي. جيڪڏهن هو لکي ڏي ته اڳتي هو ” آزادي جي تحريڪ “ ۾ حصو نه وٺندي ته پوءِ اسان ڪيس، آزاد ڪرڻ لاءِ برٽش حڪومت کي آماده ڪريون “ پر هن اورچ ۽ باهمت مائي صاف انڪار ڪري ڇڏيو. هن جيل وڃڻ قبوليو پر آڻ نه مڃي. ويتر ڏک ٿيس ته وطن جي آزادي لاءِ قومي ڪارڪن هر قسم جون تڪليفون سهي رهيا آهن، پر سندس ڀين وطني ڀائرن ۾ انهيءَ قرباني يا وطن دوستي جو احساس به پيدا نه ٿيو آهي. هن کي ملڪ جي مصنوعات جو وڏو قدر هو. ” کاڌي تحريڪ “ وقت وديشي ڪپڙا ساڙي، کاڌي پائڻ شروع ڪيائين ۽ ديسي شين ڪتب آڻڻ ۾ وڏو ڪم ڪيائين. هن نه صرف سياست ۾ پاڻ موکيو ۽ قوم لاءِ اڻ مٽ نقش ڇڏيا، پر سماجي سرگرمين ۾ به ڪم ڪندر رهي ۽ هميشه قوم جي ڀلائي لاءِ پاڻ پتوڙيندي رهي. هن سنڌي ٻارن جا مسئلا پيش ڪندي رهي هو ڪيترن ئي سماجي عهدن تي رهي، جتي هر وقت قومي ۽ سماجي خدمت کان هڪ پل به واندي نه ويني. هن ڪراچي شهر جي زناني تعليم لاءِ گهڻو ڪم ڪيو. هن شراب نوشي ۽ ان جي روڪڻ لاءِ، وڏي تحريڪ هلائي. هوءَ جيترو وقت زنده رهي، سنڌ ۽ سنڌي عوام لاءِ ڪم ڪندي رهي.

# حيدر بخش جتوئي

ڪامورو ان کي چئبو آهي جيڪو ڪاتي ۾ وڏو آفيسر هجي. اڇي ڪاري جو مالڪ هجي. ڪيس وڏا وڏا اختيار هجن. جنهن کي وٽيس ته ٻڌي، جنهن کي وٽيس ته ڇوڙي. جنهن جي پڳڙي لاهي ته ڪو ڪيس ڇوڙڻ وارو نه هجي. مرضي پويس ته ڪنهن کي اڌي ڇڏي ۽ جي ڪاوڙجي ته ڪنهن جو جهڳو ئي جهڻ ڪري ڇڏي. پر سڀ ڪامورا ائين نه هوندا آهن، ڪي ڪي ته فرشتا به ٿي رهيا آهن. اڄ مان اوهان کي هڪ اهڙي ڪاموري جون ڳالهيون ٿو ٻڌايان، جيڪو قرب ۽ سڪ، پيار ۽ محبت جو مجسمو هو، ۽ اهو ڪامورو هو حيدربخش جتوئي، جيڪو اصل بکي ديري ڳوٺ جو ويٺل هو. سندس والد الهداد خان هو ته ڳوناٺو پر پنهنجي ٻار کي تعليم اعليٰ ڏياريائين، ان ڪري هو وڏي وڃي ڪامورو ٿيو. هو هيڊ منشي، مختيارڪار، ڊپٽي ڪليڪٽر، اسٽنٽ مئنيجر انڪمبرڊ اسٽيٽس ۽ ڪورٽ آف واردس جهڙن عهدن تي فائز رهيو. پر جتوئي خدا جو بندو هو ۽ خدا جي بندن جو بندو ٿي رهيو. هن سڄي حياتي پنهنجي قوم ۽ مظلوم ماڻهن جي خدمت ڪندي گذاري. هن روينيو ڪاتي ۾ رهي چڱي طرح ڏٺو ته ڪيئن نه ذميندار، آفيسرن سان ملي، غريب هارين کي قرين ۾ لٽين ٿا. جيڪو انگ اگهاڙو ڪري، رات ڏينهن لنڊيون لتاڙي ٿو ۽ ٻارا اٿلائي ٿو، ان کي ڪيئن نه تباهه ڪيو وڃي ٿو. هن ان جو گهرو مطالعو ڪري سندن مدد ڪرڻ شروع ڪئي. هن وستين ۽ واهڻن ۾ وڃي، هارين سان رلي ملي، سندن ڏک سور سٽي انهن جي تلافي ڪرڻ شروع ڪئي ۽ پنهنجي ڪرسي جو به خيال نه ڪيائين. ڪامريڊ عبدالقادر چوندو هو ته " حيدر بخش هارين جو همدرد آهي. آفيسر ٿي ڪري به هارين جي مدد پيو ڪري جيڪو ڪڙمي وٽس ويندو هو، ان کي ياڪر پائي، ڪرسي تي وهاري چانهه پياري، پل ۾ سندن ڪم ڪندو هو" هن جو عقيدو هو ته "جيستائين ملڪ جو هاري آسودو نه آهي تيستائين ملڪ خوشحال ٿي نه سگهندو." هو چوندو هو ته "اناج پيدا به هاري ڪري ته بک به هاري مري. ڪجهه پو کي به هاري ته انگ اگهاڙو به هاري جو" هن هر مهل ۽ هر گهڙي سنڌ جي مظلوم ۽ مسڪين ماروئڙن جي خدمت ڪئي. 1936ع جي ڳالهه آهي ته قادپور ۾ ٻوڏ آئي. پاڻ ان وقت گهوٽڪي جا مختيار ڪار هئا، پر ان هوندي به ڇيڙ وٺي، اڇي بند ٻڌرايائون ڏڌڙ ۾ ڌوڙ ٿي هارين سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملايو بيٺا رهيا. چوڻ لڳا ته "جڏهن به ڳوٺن يا ملڪن تي، اهڙيون مهلون اچن ته پاڻ پنهنجي جان جو به اونو نه ڪن پر ميدان ۾ ڪاهي پون" هڪ دفعي مختيار ڪار جي حيثيت ۾ سندس هڪ ڳوٺ ۾ منزل ٿي. وڏيرن روايت موجب حلوا، پلاءُ، ڪڪڙيون، مٺايون ۽ شربت تيار ڪيا پر جڏهن جتوئي اتي پهتو،

تڏهن اها ساري ماني اتي آيل غريب هارين کي کارايائين ۽ پاڻ ٻاجهري جي ماني ڏڏ سان کائي سرهو ٿيو.

1941ع ۾ هو اسسٽنٽ مئنيجر انڪمبرڊ اسٽيٽس ۽ ڪورٽ آف وارڊس مقرر ٿيو. ان وقت هن ڪيترن ئي بي واهن غريب ۽ مسڪين رنن زالن ۽ يتيمن جي خدمت ڪئي ۽ ڪورٽ آف وارڊس ۾ آيل سيون ملڪيتون تباهي ءَ کان بچايائين. 1942ع ۾ هو جڏهن ”اسپيشل رڪوري آفيسر ڪوآپريٽوز سوسائيٽيز آف سنڌ“ ٿيو، تڏهن سوين مسڪين هارين جا قرض ۽ وياج معاف ڪري ڇڏيائين. هن رات ڏينهن هارين جا قرض ۽ وياج معاف ڪري ڇڏيائين. هن رات ڏينهن، هارين جي ڀلي ۽ فائدي لاءِ ڪم ڪيو. هڪ دفعي ته هڪ غريب هاري جي مدد ڪرڻ تي، وقت جي گوري حاڪم کي ڪاوڙائي وڌائين پر پنهنجي ضمير جي خلاف ڪم نه ڪيائين. سندس بي لوث خدمت کي ڏسي، برٽش سرڪار قبول ڪيو ته ”سنڌ ۾ فقط ٻه ڪامورا ايماندار ۽ ديانتدار آهن هڪ حيدر بخش جتوئي ۽ ٻيو نورالدين صديقي.

هيءَ حقيقت آهي ته سنڌ جو اسي سيڪڙو عوام هاري آهي، ان ڪري گهٽائي ۾ هوندي به هن جو ڪوبه هڏ ڏوکي ۽ مددگار ڪونهي، پر جڏهن حيدربخش جتوئي آفيسر هوندي به هارين جي حمايت ڪرڻ شروع ڪئي، تڏهن وڏيرن، پيرن ۽ سرمائيدارن گڏجي هن جي مخالفت ڪئي. ان ڪري هو نوڪري کي ڇڏي ميدان ۾ لهي آيو. پوءِ ته مٿس ته قاتلانه حملا به ٿيا، الزام مڙهيا ويا، ڪافر ۽ ملحد سڏيو پر هن مڙس تي هر مخالفت جو مقابلو ڪيو. سندس ئي ڪوشش سان، هارين کي حق مليا ۽ معاشري ۾ سندن حيثيت تسليم ٿيڻ لڳي.

مرحوم حيدربخش جتوئي سادو ۽ شريف انسان هو، جيڪو هر هڪ کي پنهنجو پاءُ سمجهندو هو. هن شخص سنڌ جي ڏتڙيل ۽ بي پهچ هارين لاءِ هڪ وڏي جابر، جاگيردار، سرڪش زميندار ۽ وڏيري سان جنگ جوٽي هن ڪسڻ ۽ قيد ڪاٽڻ قبوليو، اعليٰ نوڪري ڇڏي پر هارين جي مدد ڪرڻ نه ڇڏيائين. جتوئي مرحوم نه صرف هارين جو محبوب اڳواڻ هو پر هو سنڌ جي مظلوم عوام، پيڙيل طبقي ۽ شڪسته دل نوجوانن جو عظيم قائد به هو. هو سنڌ جي آزادي ۽ خودمختياري واري تحريڪ جو رهبر به هو. هن آرام ۽ آسائش ڇڏي، وڏي کان وڏي عهدي ۽ ڪرسي کي ٺوڪر هڻي، پنهنجي زندگي جو ڳپل حصو سنڌ ديس خاطر جيل ۾ گذاريو. جڏهن سنڌ جون لکها ايڪڙ زمينون، مال غنيمت سمجهي ٻاهرين ۾ ورهايون پئي ويون، تڏهن هن مانجهي مڙس رسالا ۽ ڪتابچا لکي، انگن اکرن سان ثابت ڪيو ته ڪهڙي طرح سنڌ جي هارين سان ظلم ٿي رهيو آهي ۽ گهر ڌڻين کي گهر مان ڪڍڻ جا جتن ڪيا پيا وڃن. هن حياتي جو عيش آرام، دماغ جون صلاحيتون ۽ قلم جو سڀ قوتون

قوم لاءِ وقف ڪيون. نوڪري ڇڏڻ کان پوءِ هو اڪثر ڪري جيلن ۾ رهيو ۽ جنهن قوم لاءِ هن ايڏي قرباني ڏني ان ڪيس هٿڪڙيون پارايون. پر هو خوش هو، راضي رهيو ڇو ته هن پنهنجو ذاتي مفاد، قومي مفاد مٿان قربان ڪري ڇڏيو. ڪنهن ڪيس چيو ته ” هن وقت نوڪري ۾ هجين ها ته ڪليڪٽر ۽ ڪمشنر هجين ها، ناحق انهن ماڻهن لاءِ پنهنجو مستقبل خراب ڪيئي، جن وٽ تنهنجو قدر ناهي“ هن جو جواب هو ته ” منهنجو مستقبل قوم کان سواءِ ڪجهه نه آهي جيڪو ڪيو اٿم ان تي باوجود مشڪلاتن جي خوشي اٿم، ارمان ڪونه اٿم“ ڏسو سندس جواب! هن ۾ اوهان لاءِ ڪيڏو نه سبق سمايل آهي.

جتوئي ارڏو انسان هو. سندس وڏي دل هئي ڪيڏا به طوفان آيا، پر هو هماليه وانگر، سينو سپر ڪيو، عذاب سهندو رهيو. هن ايوبي آمريت ۽ يحيٰ آمريت ۾ جنهن دليري ۽ خنده پيشاني سان جيل ڪاٽيا، ان جو مثال نه ٿو ملي. پنجاب جي مشهور صحافي، شورش ڪاشميري جو چوڻ آهي ته ”جيل جي زندگي ۾، ڪامريڊ جتوئي جهڙا بهادر ۽ شريف انسان مون تمام گهٽ ڏٺا آهن.“ ۽ هي سندس دليري ۽ قرباني جو نتيجو هو. هن ون يونٽ جي قهري ڪوٽ کي ڪرندو ڏسي اک ٻوٽي. اهڙي طرح سندس ڪاميابي، هن جي اڳيان هٿ جوڙي اچي بيٺي.

# علامه آءِ–آءِ قاضي

سنڌ جي سرزمين جي ماڻهن تي فخر ڪندر رهندي تن مان علامه آءِ آءِ قاضي به هڪ آهي. هو پاٽ جهڙي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ ڄائو ۽ پنهنجي خداداد صلاحيتن جي ڪري جڳ ۾ مشهور ٿيو ۽ سندس نالو ديسان ديس ۾ ٻڌجڻ لڳو.

علامه امداد علي قاضي پٽ امام علي قاضي، هڪ مجيل مجايل انسان هو. هو قدرت جي فياضين جو هڪ انوکو نمونو هو. انساني اوصاف جو حسين مجموعو هو. ذهني ۽ روحاني ڪمالات جو پتلو هو، ڏاهپ جو ڏيئو هو، دانش جو درياهه هو، علم ۽ فضل جو خزانو هو. هن پنهنجي ساري حياتي انسانذات لاءِ وقف ڪري ڇڏي. هڙان توڙي وڙان، غريبن ۽ مسڪينن جي مدد ڪري ڪين اعليٰ درجي تي پهچايو. سندن سياءُ وري اهڙو هو، جو ڪنهن ڪان به شيءَ مدد طور وٺڻ پسند ئي نه ڪندو هو. پاڻ نهٺو نماڻو، خودي جو صاحب ۽ پنهنجي راءِ جو پاڻ مالڪ هو. هي تن ڏينهن جي ڳالهه آهي، جڏهن پاڻ خيرپور رياست جا جج هئا. ميرن جي حڪومت هئي، جيڪي پاڻ اچي ڪاري جو مالڪ سمجهند هئا. سندن حڪم ڪان سواءِ پن به نه چرندو هو. مير علي نواز خيرپور رياست جو والي هو. سندس خاص نوڪر، ڪنهن ڏوهه ۾ قاضي صاحب وٽ حاضر ٿيو ۽ مير صاحب، قاضي صاحب کي سفارش ڪئي ته ڪيس آزاد ڪيو وڃي. علامه صاحب اها حالت ڏسي، نوڪري ڇڏي اچي گهر وينو. اهڙي طرح انصاف ۽ حق پرستي کي هٿان نه وڃڻ ڏنائين.

علامه قاضي صاحب کي سنڌ جي نوجوان نسل جي تعليم ۽ تربيت لاءِ وڏو اونو هوندو هو، 1951ع ۾ جڏهن ڪيس يونيورسٽي جو وائيس چانسلر بنايو ويو، تڏهن پنهنجون سموريون صلاحيتون، استعمال ڪري يونيورسٽي کي هن اعليٰ درجي تي پهچايو. ان زماني ۾ سنڌ يونيورسٽي کي ڪراچي مان لڏائي حيدرآباد آندو ويو ۽ سنڌ جي هن اعليٰ درسگاهه جو سارو لڏو چئن ٽرڪن ۾ مس هو. علامه صاحب حڪومت کي يونيورسٽي جي گرانٽ وڌائڻ لاءِ لکيو ته وزير تعليم جواب ڏنو ته ”سنڌ يونيورسٽي کي اسان سنڌ مدرسه وانگر هڪ لک روپيا گرانٽ ڏيون ٿا. باقي قاضي جي گهر ته سوڪين کو سمجهائي ته اسان کي سارو پئسو، سنڌ يونيورسٽي تي خرچ ته ڪونه ڪرڻو آهي، پر ساري سنڌ جي تعليم کي سڌارڻو آهي.“ مجبورن قاضي صاحب ان هڪ لک روپئي جي خيرات مان پائي پائي بچائڻ لاءِ، سنڌ يونيورسٽي جي عملي کي پرزور تاڪيد ڪيائون. يونيورسٽي جي ڪم لاءِ يا وي – سي جي حيثيت ۾ پنهنجي لاءِ ڪابه موٽر ڪار نه ورتائون. گهر کان يونيورسٽي اچڻ لاءِ

75 روپين جي حساب سان گهوڙي گاڏي رکيائون. پر اهي پئسا بہ يونيورسٽي جي بدران پنهنجي پگهار مان ڏنائون. آفيس مان سندس گهر، مس اسٽيلون ۾ ٻيا پنا موڪليا ويا تہ انهن جو بل پاڻ ادا ڪيائون ۽ چيائون تہ مون کي ڪوبہ حق ڪونهي، جو يونيورسٽي جي اسٽيشنري پنهنجي گهر يا پنهنجي ڪم ۾ آڻيان. “

ان ئي زماني جو هڪ واقعو آهي تہ پاڻ يونيورسٽي جي سائنس ليبارٽري جي سامان وٺڻ لاءِ انگليند ويا تہ اداري ياڙي وٺڻ کان نابري وارايائون. پنيان اختياري وارن اها رقم سندن بئنڪ اڪائونٽ ۾ داخل ڪري ڇڏي. جڏهن موٽڻ تي، ڪين اها خبر پئي تڏهن ساڳئي رقم جو چيڪ ڪڍي، يونيورسٽي جي اڪائونٽ ۾ داخل ڪندي، چيائون تہ ”بابا! آءُ تہ ذاتي ڪم سبب لنڊن ويو هوس ۽ سامان سڙي وٺڻ لاءِ ڪو ايڏو پئسو ۽ وقت بہ ڪونہ لڳو هو. جو مان ان جو عيوضو وٺان يونيورسٽيءَ جو ايترو تہ مون تي حق آهي، جو مان سندس ضروري سامان وٺي روانو ڪيان. “

علامہ صاحب، هڪ سادو سودو سنڌي هو. سندن زندگي سنئين سڌي ۽ صاف سٿري هئي. اجائي ڏيک ويک ۽ ڪوڙي ادنبر کان ڪوهين ڏور هو. هيڏي وڏي ماڻهو هوندي بہ ساري حياتي، هڪ مسواڙي مڪان ۾ گذاريائين. پاڻ پنهنجي روزاني اٿڻي وهڻي ۾ هڪ پائي بہ اجائي ۽ فضول خرچ نہ ڪيائين. جڏهن يونيورسٽي جي اعليٰ عمارت جڙي راس ٿي ۽ آفيس کي سينگاري والارڻ جو ويلو آيو تہ پروفيسرن ۽ پنهنجي آفيس ۾ تڏا ۽ نڪون وڇارائي ڇڏيائين. چيائون تہ ” گلم ۽ غاليچا آهن، وڏن ماڻهن جون عياشيون، اسان سنڌي ماڻهو آهيون مارو ماڻهو. اسان جو اباڻو ورثو ۽ مرڪ آهي ڪک پن. هي ادارو مارو ۽ مسڪين ماڻهن جي غريب يونيورسٽي آهي ۽ سندس مول مقصد آهي، علم ڦهلائڻ، نہ گلم غاليچن جي نمائش ڪرڻ. “

قاضي صاحب هڪ خوددار ۽ آزاد منش هئا. هو عالمن کي سيني سان لائيندا هئا ۽ علم جي شائقين کي قرب جي نظر سان ڏسندا هئا. سندس ضرورتن کي پورو ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهند هئا. سندس چوڻ هو تہ ” جڏهن انسان ڪنهن جي خدمت ڪرڻ جي لائق نہ رهي، تڏهن ان کي جيئڻ جو ڪوبہ حق ڪونهي. ان ڪري پاڻ جيستائين زنده رهيا، علم ۽ ڏاهپ جا واهڙ وهائيندا رهيا ۽ ڪيترائي پياسا هن سرچشمي مان آب حيات جون سرڪون پيري پاڻ بہ تعليم جي روشن شمع ٻڌجي ويا. سندس بنگلي تي هروقت ماڻهن جو انبوهہ رهندو هو. جتي نوجوان نسل کي خودداري، انسان دوستي ۽ روحانيت جو سبق ملندو هو.

علامہ صاحب جي وڏي خوبي هيءَ هئي تہ هو ٺلهي خوشامد، ڪوڙي تعريف ۽ آفيسرانہ رعب تاب کان نفرت ڪندا هئا. هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ صوبائي گورنر، مشتاق احمد گورماني،

حيدر آباد ۾ منزل انداز ٿيو ۽ چانسلر جي حيثيت ۾ يونيورسٽي گهمڻ پئي آيو. قاضي صاحب سندس ڏنل وقت تائين انتظار ڪيو، پر هو نہ آيو ۽ آفيس ٽائيم ڪان پوءِ اچڻ لاءِ چيو. پاڻ جواب ڏنائون تہ ”مون کي افسوس آهي جو آفيس ٽائيم ختم ٿي چڪو آهي ۽ مان هن وقت گورنر سان ملي نٿو سگهان.“ اهو ٻڌي گورماني صاحب واپس هليو ويو.

سچ پچ تہ علامہ صاحب، سنڌ جا روشن مينار هئا ۽ فڪر جا قنديل هئا. هن ئي ڪوشش سان، اها يونيورسٽي جيڪا اڳ صرف امتحان وٺندڙ ادارو هئي، سا هاڻي خودمختيار تدريسي ادارو بنجي، سنڌ جي علم ۽ دانش جو مرڪز ٿي پيئي آهي. هن اداري جي پيڙهہ ۾ علامہ صاحب جي بي لوث خدمت جو رت پيل آهي، جنهن رت کي هن شمع وانگر جلائي روشن ماحول پيدا ڪيو. هاڻي هو، هن ئي زمين ۾ ستل آهي. اسان کي سوچڻو آهي تہ پوءِ انهيءَ درسگاهہ کي اسان ڪيترو سنواريو ۽ سينگاريو آهي.

# پير حسام الدين راشدي

قومون پنهنجن مشاهرن سان سڃاتيون وينديون آهن ۽ سنڌ جيڪي مشاهير پيدا ڪيا آهن، تن مان پير حسام الدين راشدي به هڪ آهي جيڪو ايندڙ هر دور ۾، سنڌ جي علم ۽ عظمت جو يادگار رهندو.

سائين حسام الدين راشدي بنيادي طرح سيد هو، جن جو عام طور گذران ٽوڻن، ڦيڻن، تعويذن ۽ ٻوهل تي هوندو آهي. پير صاحب ڪي سندن والده ماجده چوندي هئي ته ”زمانو ڦرڻ وارو آهي، وڏيرڪي ۽ پيري جٽاءُ نه ڪندي، جيڪڏهن علم حاصل ڪندئو ۽ پنهنجن پيرن تي بيهي سگهندئو نه ته پيا ڌڪا ڪائيندئو“ پير صاحب پنهنجي امڙ جي هدايت ڪي هيئين سان هنڍايو ۽ ان تي پوري ريت عمل ڪري، ويهين صديءَ جي سنڌ جي آسمان تي هڪ روشن ستاري وانگر چمڪيو. هو دنيا جو مڃيل اسڪالر ۽ عالم هو ۽ ايڏو وڏو عالم ۽ سندن علمي هاڪ ۽ ڌاڪ برصغير پاڪ وهند کان سواءِ ايران، افغانستان، چين، روس، آمريڪا، برطانيه، آفريڪا، آسٽريليا، هانگ ڪانگ ۽ سلون تائين پکڙجي ويئي. هو هر علمي ۽ ثقافتي وفد جو سربراهه ٿيو ۽ دنيا جي هر ملڪ ۾ وڃي، پنهنجي علمي عظمت ڪي چار چنڊ لڳايا. هر ملڪ جو عالم سندن عزت ڪندو هو ۽ پير صاحب سان به گهڙيون گذارڻ، پنهنجي لاءِ فخر سمجهندو هو. پاڻ فارسي قديم توڙي جديد جا وڏا ماڻهو هئا ۽ فارسي ادب جي خدمت جي صلي ڪين ايران جو قومي اعزاز به مليو هو.

پير صاحب محنت جا سرچشما ۽ پورهيت اديب هئا. روزانو وڏي عصر اٿندا هئا ۽ اٿڻ شرط لکڻ پڙهڻ جي ڪم ڪي لڳي ويندا هئا. چانهه بسڪٽ جو دور هلندو هو ۽ پاڻ پنهنجي ميز تي ڪتابن ۾ گهيريل رهندا هئا. پير صاحب هجي هڪ تاريخدان هو. سنڌ جي تاريخ، جيڪا ماضي ۾ درٻاري مورخن جي ويڪاڻو قلم ذريعي اسان وٽ پهتي آهي، ڪي نئين سر لکي، ورهين جي ڪوڙي ۽ خوشامدي واري لٽ لاهي سچاين ڪي سامهون آندو. هن سنڌ جي تاريخ تي جيڪو ڪم ڪيو آهي، اهو سندس عظمت جي گواهي ڏي ٿو. هن تاريخ نويسي جي فن جي عبارت ۽ طرز تحرير ۾ نئون رنگ ۽ ڍنگ پيدا ڪري، مقامي نج سنڌي محاورا، اصطلاح ۽ ترڪيبون آڻي، ان جي خشڪي ختم ڪري، ڪيس دلچسپ بنايو. سندس ڪتاب ”هو ڏوتي هو ڏينهن“ جيڪو سنڌ جي سماجي تاريخ آهي، اهڙي ته دلنشين سادي ۽ سليس زبان ۾ لکيل آهي جو ٻار خواهه ٻڍو، گهٽو ۽ ٿورو پڙهيل، شهري

يا ڳوناٽو هڪ جيترو لاڀ حاصل ڪري سگهي ٿو. هن سنڌ جي تاريخ ۽ ادب تي ٽي سئو مقالا ۽ يارهن ڪتاب سنڌي ۾، چار ڪتاب اردو ۾ ۽ ستاويهه ڪتاب فارسي زبانن ۾ لکيا.

پير صاحب علمي ۽ ادبي زبانن جو روح روان هو. سندس ڻاهيل ادارا، سندس خدمتن کي صدين تائين ياد رکندا. سنڌي ادبي بورڊ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، مرڪزي اردو بورڊ، انجمن اردو ترقي بورڊ ۽ ٻيا ڪيترائي ادارا، سندس رهنمائي جو زنده ثبوت آهن. انهن علمي ۽ ادبي ادارن سان کين عشق هو. هو علمي ادارن ۾ لائق ۽ قابل ماڻهن کي ترجيح ڏيندا هئا. هڪ دفعي ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾، هڪ ليڪچرر جي تقرري هن جي مشوري کان پوءِ ٿيڻي هئي. وائس چانسلر کيس چيو ته "فلاڻي ماڻهو جي وزير سفارش ڪئي آهي" پاڻ جواب ۾ چيائون ته "وزير سيني جا خير خواهه آهن. توهان اداري جا سربراهه آهيو. هي علمي ادارو آهي، هن ۾ لائق ماڻهو هئڻ گهرجن. هتي سفارش نه ٻڌڻ گهرجي" هن صرف ان اميدوار جي حق ۾ راءِ ڏني جيڪو ان جو وڌيڪ اهل هو.

پير صاحب جاگيرداري نظام ۽ پيري مريدي خاندان جا فرد هوندي به هڪ خليق انسان بڻجي، جاگيرداري سرشتي جي هر شيءِ کي نه صرف ترڪ ڪري ڇڏيو، پر ٻين سيني ۾ به آزادي پسندي، انسان دوستي، خودداري ۽ هر فرد سان، انصاف جا گر پيدا ڪيائون. هن پنهنجي ماحول جا صدين وارا پيل زنجير توڙي رنڊڪون هٽائي، ذاتي ۽ ذهني آزادي حاصل ڪري سنڌي سماج ۽ سنڌين جي سماجي شعور ۽ سياسي سجاڳي لاءِ وڏو ڪم ڪيو. هو جڏهن به پنهنجي ڳوٺ ايندا هئا، تڏهن پنهنجين هارين ۽ نوڪرن، ڪمين ۽ ڪاسبين سان ياڪر پائي قرب ۽ محبت سان ملندا هئا. کين پاڻ سان گڏ کٽن تي وهاري ڪانئن ڏک سک پڇندا هئا. پنهنجن نوڪرن جو وڏو خيال ڪندا هئا. سندن ڏکڻ جو به کين احساس هوندو هون. انهن کي اُس ۾ وهڻ بلڪل نه ڏيندا هئا. هارين کي پڪل پوک مان ڊورن کي گاهه ڪارائڻ جي اجازت هئي. ڪو هاري جيڪڏهن بيمار ٿيندو هو، ته کين پگهر پڇڻ ويندا هئا ۽ مهيني ٻين سندن گهر وڃي ڪانئن خيريت معلوم ڪندا هئا، پوک نه ٿيڻ جي حالت ۾ هارين کي اڳوات ان ڏيندا هئا. ان ڪري ڳوٺ جا هاري کيس "هارين جو يار" سڏيندا هئا.

پير صاحب کي سنڌ سان ڏاڍو پيار هو، ۽ هو سدائين سنڌ کي سرسبز ۽ سنڌ ۾ رهڻ واري کي سدائين خوشحال ڏسڻ گهرندو هو. سنڌ جي نوجوانن مان سنڌ جي خوشحالي لاءِ کيس وڏيون اميدون هيون. ان ڪري هو سندن رهنمائي ۽ همت افزائي ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهندا هو. سندس خواهش هئي ته "سنڌ جا نوجوان نه صرف سياست ۾، سنڌ جا حق حاصل ڪن، پر ادب ۽ تاريخ ۾ به اعتماد ۽ ڪليل ذهن سان سنڌ جي سموري سرمائي کي نون فڪري ۽ سائنسي رجحانن سان مالا مال

ڪن پاڻ چوندا ھئا تہ ”نوجوان ۽ نئين نسل سان گڏجي ۽ ڪچھري ڪري، مان پاڻ کي نوجوان محسوس ڪند و آھيان ۽ ايمان تازو ٿي ويندو اٿم. چو تہ منھنجي زندگي جو سرمايو، منھنجون تخليقون ۽ منھنجي لائبريري ”سنڌ جو نئون نسل“ آھي.

ھاڻي اھو اسان جو فرض آھي تہ پير صاحب کي جيڪي اسان مان، اميدون ۽ خواھشون ھيون ان جي پوئواري ڪري ان کي پايئہ تڪميل تي پھچائڻ جي ڪوشش ڪريون، ۽ اھڙي طرح ھن عظيم محسن جي روح کي تسڪين پھچائي سگھون.

# ڪامريڊ غلام محمد لغاري

هن دنيا کي دارلمحن يعني ڏکن جو گهر سڏيو ويو آهي. هر اهو ماڻهو جنهن جي پوءِ ڪٽي معاشري ۾ کهڙي به حيثيت هجي، سندس واسطو ڏکن ۽ سورن سان ضرور پوي ٿو. جيڪي شخص ڀرپور زندگي گذاريندا آهن ۽ پنهنجن خداداد قوتن کي الله جي ٻانهن جي خدمت ڪرڻ لاءِ سونپڻ جو ارادو ڪندا آهن، انهن کي عام ماڻهن کان وڌيڪ سختيون سهڻيون پونديون آهن. ڪامريڊ غلام محمد لغاري کي به ننڍپڻ کان ئي، سورن جي ستي پياري ويئي جو " سرجي تان سور، سامائي ته سک ويا" وارو معاملو ٿي پيو. ٻارو! جيڪو تن من عوام کي ارپي ڇڏيو آهي. عوام ظالمن کان حق وٺي ڏيڻ لاءِ سرگردان رهندو آهي، اهو سدائين سختيون سهندو آهي. ڪامريڊ سان به اها ئي ڪار هئي. ڪامريڊ لغاري هو ۽ تاريخ گواهه آهي ته لغاري سنڌ جي آزادي، خودمختياري ۽ خوشحالي ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. نواب ولي محمد لغاري لاءِ ته اوهان پڙهي آيا آهيو ته هو ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌ جو وزيراعظم هو، جنهن تاريخ ۾ اهم رول ادا ڪيو. جڏهن انگريزن سنڌ تي ڪاهه ڪئي، تڏهن سيني لغارين قرآن شريف تي هٿ رکي قسم کنيو ته هو انگريزن سان مقابلو ڪندا، ان وقت لغارين چيو ته "هي ملڪ سنڌ، اسان بلوچن لاءِ ماءُ برابر آهي. جنهن جي ڇاتي مان اسان پشت به پشت ٿڃ پي پليا آهيون ۽ وڏا ٿيا آهيون. ماءُ پيءُ تي اولاد جا وڏا حق آهن اسان پنهنجي ماءُ تان، جان نثار ڪنداسون" اهڙي طرح دبيءَ ۽ مياڻي جي جنگين ۾، غلام محمد لغاري، محمد خان لغاري، ميرن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي وڙهندا رهندا نظر اچن ٿا. ساڳي طرح ڪامريڊ غلام محمد لغاري نسلي روايتون برقرار رکندي، هر آمر، هر ڊڪٽيٽر هر ڦورو ۽ هر ظالم سان سينو ساهيو، سامهون ٿيو، مقابلو ڪيو.

ڪامريڊ لغاري، هڪ غريب گهر ۾ ڄائو. سندس والدين هاري هئا، مسڪين ٿريا هئا. "ٿر ٿوهر، گهر جهوپڙا، ٻارڻ جن جو ٿوهر" هو. هو ان گهر ۾ ڄائو. هن مذهبي تعليم ديني مدرسن ۾ حاصل ڪئي، عربي ۽ فارسي زبانن ۾ پڙهيو، باقي سنڌي ته سندس جيجل جي ٻولي هئي، جيڪا لولي جي صورت ۾ ٿڃ سان ملي، سندس سرير ۾ رت سان گڏ ڊوڙي رهي هئي. هن جو اباڻو گهر نبي سر روڊ ۾ آهي.

ٿر ۾، سنڌ جو جاگيردارنه ۽ وڏيرا شاهي وارو نظام نهايت پختو ۽ مضبوط رهيو آهي ۽ پيداوار جي اهم ذريعن تي انگريزن جي پٺن ۽ ڇمڇن جو قبضو رهيو آهي، جيڪي وطن وڪٽي ڌارين

وٺ سرخرو ٿيا. پنهنجن کي مارائي ڪمشنر تروٽ کان جاگيرون ورتائون. ڪامريڊ انهن ديس دروهين ۽ سون تي سيڻ وڪٽندڙن جي سامهون ٿيو ۽ واهه جو ٿيو. هو سنڌ جي ڌرتيءَ جو سرفروش عاشق هو. هو محب وطن هو ۽ سچو انقلابي هو. هن جي تمنا هئي ته اهڙو انقلاب اچي جو حديث نبوي صلعم موجب ”ٻني ان جي آهي، جيڪو ان کي کيڙي“ سندس خواهش هئي ته اهڙو دور اچي جو هي سونا سنگ اپائيندڙ هاري، پنهنجي پورهئي جو ڦل پاڻ کائي، ٻيو ڪو به ڌاريو، ڪوبه لٽيرو، ڪوبه رهزن کانئن ٽڪر ڦيو ۽ وات جو گرهه نه کسي. ان ڪري هن انگريز سامراج ۽ ان کان پوءِ هو آمر سان ٽڪر کاڌو. هو زندگيءَ جا پورا 19 سال سي ڪلاس ۾ اخلاقي ڏوهاري قيدن سان جيل ۾ رهيو ۽ جلاوطني جون سزائون به ڪاٽيون. سندس چوڻ موجب ته ”ساري عمر جيل ۾ گذري“ ابراهيم منشي کهڙو نه سنو چيو آهي ته :

جيڪو ماڻهو کين وڪاڻو، تنهن کي مليو جيل ۾ ٽاڻو

ڪامريڊ غلام محمد لغاري سدائين غريبن جو يار ۽ مظلومن جو مددگار هو. حديث شريف ۾ آهي ته ”جتي ظلم ٿيندي ڏسو، ان کي هٿ سان روڪيو، هٿ سان روڪي نه سگهو ته پوءِ زبان سان روڪيو ۽ جي زبان سان به روڪي نه سگهو ته پوءِ گهٽ ۾ گهٽ ان کي پنهنجي دل ۾ برو سمجهي، اتان هليا وڃو، پر ياد رکو ته اهو ايمان جو آخري حصو آهي“ مرحوم لغاري، هن حديث نبويءَ جو جيئرو جاڳندو مثال هو. ڪيڏو به ڪو ڪٽي خان خانان جو پٽ هجي، پر ان ڪنهن مسڪين کي ستايو، ڪنهن غريب جو گهر لٽاڙيو، ڪنهن رن زال جو ٻنو ڪسيو ته پوءِ، ڪامريڊ ڪاريهر وانگر مچرجي پوندو ۽ پوءِ اهو امير هوندو ۽ هيڏانهن هي غريب لغاري. سندس دل ڏسو ته هٿ ڪنهن سان ٿو اٽڪائي. اهو انسان جيڪو پاڻ کي زمين جو خدا ٿو سڏائي. هڪ ڀيري جي ڳالهه آهي ڪنهن غريب جي گهرواري ميرپورخاص جو هڪ امير ڪٽي ويو. هن مسڪين گهڻائي گهر ڏٺا، پر سڀ اڳلي ماڻهو جو اثر رسوخ ۽ رعب تاب ڏسي، سندس مدد ڪرڻ کان انڪار ڪيائون. آخر هو ٻي ڪابه واهه نه ڏسي، ڪامريڊ وٽ آيو. هن پلي مانس به نه ڪئي هم نه تم ڪيس ساڻ ڪري، سڌو امير جي بنگلي تي آيو. مائي کي اندران ڪڍي مڙس جي حوالي ڪري، تر جي اهڙي طرف اماڻي ڇڏيو جو وڃڻ کي ويئي، سا موٽي موٽي ڪينڪي.

ڪامريڊ سنڌ جي وجود، سنڌ جي بحالي، سنڌين جي خوشحالي ۽ سنڌين جي فارغ الباليءَ لاءِ، پنهنجي زندگي جون ڪيئي بهارون، دل جون ڪيئي خوشيون ۽ من جون ڪيئي تمنائون قربان ڪري ڇڏيون. زمين جي ورهاست هجي. اڌو اڌ بٽئي جو مسئلو هجي، هارين جي جماعت جو بنياد هجي، الاٽمينٽ هجي، لوڪل هارين کي زمين ڏيڻ جو مسئلو هجي ون يونٽ ٽوڙ هلچل هجي، سنڌين کي

قومي ٻولي بنائڻ جو سوال هجي. ڪامريڊ سڀ کان اڳ هڪ ڪري چوندو ته " آڌو ٽڪر ٽڙ متان روھه رتيون ٽين" هو عوام لاءِ زنده رهيو. هن کي پنهنجي ذاتي ڪاٻه خواهش ڪانه هئي.

1943ع ۾ سکر بئراج کي گهارو پيو، ڪيئي ڳوٺ لڙهي ويا، ماڻهو بي گهر ٿيا. ڪامريڊ ويھه ڏينهن لڳاتار بنا ڪنهن دنوي لالچ ۽ جاھه وجلال جي غريب مخلوق خدا جي خدمت ڪندو رهيو. هو مسڪين ڪٽنب جو فرد هو، هن پورهيو ڪيو پڪوڙا تريا، هر ڪاهيا، زمين ڪيڙي، دڪان هلايو، لوھه ڪٽيو، ڪاٺ وڍيو، اوڏڪو ڪم ڪيو. بس " جيئڻ ڪارڻ جيڏيون، وڏا وس ڪيام" پر مڙس اڏول هو، وڏيءَ ڇاتي واور. هنن پورهيتن سندس وار به ونگو نه ڪيو.

ڪامريڊ هڪ بهادر، بي ڊپو ۽ بي باڪ اڳواڻ هو. خاص ڪري وڏيرن، سرمائيدارن، جاگيردارن ۽ راشي ڪامورن سان سندس ڪانه پئي. هڪ دفعي اليڪشن ۾، ڪنهن تمندار سان بيٺو. هو سڀ جيپون ڪاهي پٽس وٽ اچي وينا ته پٽ اچي وينا ته پٽ کي هٿ ڪٽائي. هو واهڻ جو واسي، سدائين وڏيرن جو ڊنل سو پٽ کي چوڻ لڳو ته" ابا چريو آ چا، ڪنهن سان ٿو بيهين، ڪجھه خيال ڪر" ڪامريڊ پيءُ کي چيو ته "ابا هنن پيرن ۽ وڏيرن، هيترا ڏينهن تنهنجو ڪو سلام ڪيو، ڪنهن ڪو اوهان وٽ آيا، يا توهان کي ڪٿي گهرايائون، اڄ اوهان جي در تي تڏهن آيا آهن، جڏهن مون غريبن ۾ سجاڳي آندي آهي، پيائين ٿا ته غلام محمد جو ڪيل ڪم هت ختم ڪري ڇڏيندا. آئيندي به جيڪو غريب سجاڳ ٿي، اٿيو ته ان کي به اهڙي طرح ختم ڪري ڇڏيندا. بابا سائين آءُ ڪڏهن به هٿ ڪونه ڪٽند. جي مري ويس، يا هنن مون کي قندي ۾ قاسائي جيل حوالي ڪيو ته ڪاٻه پرواهه نه آهي، جيل مان اڳ به ڏسي چڪو آهيان" سندس هن جواب مان هن جي همت، دلي قوت، بي خوفي ارادي جي بلندي ۽ مضبوطي ظاهر ٿئي ٿي.

مرحوم ڪامريڊ هڪ بي باڪ صحافي ۽ سنڌين جو صحيح ترجمان هو. سندس قلم هڪ بهادر سپاهي وانگر انسانيت جي دشمنن جا سر قلم ڪندو رهندو هو. هن سچائي ۽ بيداري اخبارون جاري ڪري، ڪيترن ئي جاگيردارن، ظالم زميندارن ۽ مڪار ليڊرن جي نڪ ۾ دم ڪري ڇڏيو. سندس اخبارن، غريب هارين کي حقن وٺي ڏيڻ ۾ وڏو ڪم ڪيو.

اڄ ڪامريڊ، اسان وٽ ڪونهي، پر سندس چڱا ڪم هميشه ياد رهندا ۽ هن جي ياد سدائين رهندي.

# محمد عثمان ڏيپلائي

پير پرستي ۽ قبر پرستي، سنڌين جي معاشرتي ۽ سماجي براين ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿي. سندن تباهي جو ڪارڻ هي رسم آهي. دراصل، پير پرستي وارو عقيدو، نفسياتي طور، انسان مان روحانيت ۽ خودي کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي.ذهنيت تي زنگ چڙهي ويندو آهي، روح فنا ٿي ويندو آهي، ڄاڻ عقل جو صلاحيتون ناس ٿي ويندڀون آهن. هن عقيدي مان وهم ۽ وسوسو جنم وٺندو آهي، جنهن جي ڪابه اصليت يا حقيقت نه هوندي آهي، پر اهو وهم، بزدلي ۽ خوف پيدا ڪري، ايماني قوت، دلي جرئت ۽ صحيح عقيدي کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي. انسان ڪانئر ۽ ڊڄڻو ٿي پوندو آهي پوءِ هو پٿرن، نڪرن، وڻن ۽ مٽي جي ڍڳڻ‍ ۽ کي وڃندو سجدا ڪندو ۽ پوءِ جيئن ئي لاعلاج مريض پيو ويج ۽ طبيب پڇائيندو آهي تيئن هي به وڃندو دعائون ۽ تعويذ وٺندو، هٿ ڏيکاريندو، قسمت پڇندو، قبرن تي سڪائون باسيندو، پير پڇائيندو ۽ ولي ڳوليندو. پير حسام الدين راشدي لکي ٿو ته ”پيري مريدي ۽ توهم پرستي، سنڌي مسلمانن جي ذهن کي مائوف ڪري ڇڏيو ۽ منجهن جيڪي به صلاحيتون هيون، سي سڀ ختم ٿي ويون. درگاهن، قبرستان ۽ پيرن جي آستانن مان، پيدا ٿيندڙ ماحول، انساني ذهن کي لبي لڙاٽي، گند ڪري ڇڏيو. سوچڻ، سمجهڻ ۽ سچ ڪوڙ کي پرکڻ واري قوت منجهائن نڪري ويئي ۽ سنڌ جو ماڻهو، انهن زهري اثرن ڪري ملول ۽ نستو ٿي پيو. قوت ارادي ختم ٿي ويئي. فڪر جي آزادي هلي ويئي. خودشناسي خواهه خداشناسي بيئي ختم ٿي ويون، نه پنهنجي انفراديت رهي نه وري خدا جي وحدانيت قائم رهي.“ اهڙي طرح سنڌي معاشرو تباهه ٿيڻ لڳو.

جڏهن سنڌ ۽ سنڌين جي اها سماجي، سياسي ۽ معاشي حالت مولانا محمد عثمان ڏيپلائي ڏٺي تڏهن سندس جسم ۾ وينئل انساني خدمت جو جذبو، سجاڳ ذهن ۽ زنده ضمير ڪر موڙي اٿيو. هن قلم کنيو ۽ پير پرستي واري ڪڙي ڪيل تابوت ۾ زور سان ذڪ هنيو. بس ڇڻ ڪکر ۾ ڪڙو لڳو. چوڌاري پون پون شروع ٿي ويئي، پر هي اڏول مڙس نقلي پيرن ۽ زور جي مرشدن، خلاف محاذ قائم ڪيو آيو. هي لکي ٿو ته ”مون جڏهن اک کولي، تڏهن چوڌاري رهندڙ ماڻهو، ڪنهن نه ڪنهن طرح، ڇئن ظالمن جي ظلم جي چڪيءَ ۾ پيسجي رهيا آهن، جن کي پنهنجي مرضيءَ سان جيئڻ ته پنهنجي جاءِ تي پر مرڻ جو به حق ڪونهي. اهي ظالم آهن نيم ملا، نقلي پير، زميندار، سرمائيدار ۽ سرڪاري آفيسر“. مرحوم ڏيپلائي، انهن سيني نقلي پيرن ۽ هٿ ٺوڪين مرشدن جي خلاف قلم کنيو. هن جو

چوڻ هو ته نقلي پير ۽ مرشد، سادن ۽ ابوجهه سنڌين جي ذهن کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ جڏهن ذهن، سوچڻ جي لائق ئي نه ٿو رهي ته پوءِ انسان جو زنده رهڻ مشڪل ٿيو پوي. هو نقلي پير ۽ مرشد کي ڪاري نانگ کان به وڌيڪ خطرناڪ سمجهندو هو، ڇو ته اهو انسان تي پنهنجي زهر جو اهڙو اثر ڪري ٿو، جو ان جو احساس نه نه ٿو رهي ۽ انسان جو شعور ۽ فڪر ختم ٿي وڃي ٿو.

مولانا ڏيپلائي، انسان کي صحيح راهه ڏيکارڻ لاءِ 1938ع ۾ حيدرآباد ۾، پنجاهه روپين سن هڪ ادارو قائم ڪري اشاعتي سلسلو شروع ڪيو. هن خدا جي پيٽڪيل مخلوق کي حق جي واٽ ڏيکارڻ جو عزم ڪيو. پر هي ڪم تمام ڏکيو هو. وڪ وڪ تي عزيٰ ۽ منات سان مقابلو ڪرڻو هو. مٿس ڪوڙا مقدما داخل ڪيا ويا. جيل ۾ وڌو ويو، سختيون ڏنيون ويون، پريس کي ساڙيو ويو. ڪافر، منڪر، دهريو، پيرن جو پٽيل ۽ وهابي سڏيو ويو، پر هو هٺرادو ٽڪساٽ کان ڪڏهن به ڊنو ۽ نه گهبرايو، ڇو ته هو نيڪي ۽ سچائي جو پرچارڪ هو. هن انسانيت جي عظمت ۽ ڀلائي لاءِ قدم کنيو هو. هن ان مقصد لاءِ 140 ڪتاب لکيا. سندس تحرير جيئن ته سادي سلوئي، سولي ۽ سليس هئي، ان ڪري هن جا ڪتاب هر پڙهندڙ تي اثر ڪرڻ لڳا. توڙي ڪٽي هو گهٽ پڙهيل به ڇو نه هجي. سندس مسلسل محنت جو اهو نتيجو نڪتو جو ماڻهن جي ذهنن مان، ڀروپي پيرن، مجاورن، فقيرن ۽ ٽوٽڻ ڦيٽڻ جو خوف نڪري ويو ۽ هو پاڻ کي سڃاڻڻ لڳا ۽ پنهنجي سڃاڻ ئي، انسان جي شرف ۽ شان جي سڃاڻ آهي. ڏيپلائي جا ڪتاب سنڌ جي پيڙهيل ۽ ابوجهه عوام لاءِ روشن مشعل آهن، جن جي شعاءُ تي هنن غلط راهه ڇڏي، سڌو رستو ورتو. ذهني پست حالي ۽ عوام جهالت جي کُن مان نڪري روشن دنيا ۾ آيا ۽ اهڙي طرح سنڌي معاشرو اصلاح پذير ٿيو.

مولانا محمد عثمان ڏيپلائي، اجتماعي مفاد لاءِ ڪم ڪيو هو. زنده به پنهنجي قوم لاءِ رهيو ۽ مرڻ مهل به سندس زبان تي ”پريس ۽ عوام“ جا لفظ هئا. هن ذاتي فائدن جي بدران مشترڪ قومي مفاد کي ترجيح ڏني. هن جي ڏسيل هدايت تي، سنڌي فرسوده ۽ دقيانوسي طور طريقي کي ڇڏي، جديد علوم حاصل ڪري پاڻ کي ۽ ملڪ کي خوشحال بنايو. بهرحال ڏيپلائي جو ” ادب“ هڪ صحتمند ۽ تعميري ادب آهي. جنهن کي اسان جي آئيندي جي خوشحالي ۾ وڏي اهميت حاصل آهي.

# غلام رسول ڪيهر

لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو آهي. هجئي ناڻو ته گهمر لاڙڪاڻو. ڪنهن نه ٻڌو هوندو؟ مرد خيز خطو آهي. ڏاڍا پلوڙ ماڻهو پيدا ڪيائين. چا ادب ۾، چا سياست ۾، چا معاشرت ۾، هر جاءِ ۽ هر جڳهه تي، هتان جي سپوت پٽن پاڻ ملهايو. اهڙن املهه ماڻڪن مان، خانصاحب غلام رسول ڪيهر به هڪ هو. پاڻ لاڙڪاڻي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ، ماهوٽ جا رهاڪو هئا. عادي بنيادي زميندار هئا پر نيڪ نفس، غرور ۽ تڪبر کان پري پوري عوام جا سچا هڏ ڏوکي ۽ خيرخواهه هئا. تعليم حاصل ڪري سرڪاري نوڪري ۾ گهڙيا. مختيارڪار مان ڪليڪٽر ٿيا. سڻا عهدا ماڻيائون. 1952ع ۾ رٽائرڊ ٿيا ۽ 1954ع ۾ سنڌ اسيمبلي جا ميمبر چونڊجي آيا ۽ اسپيڪر ٿيا.

خانصاب غلام رسول ڪيهر بي انتها نيڪ ۽ شريف انسان هئا. هر هڪ سان نيڪي ۽ شرافت، ڪنهن جي برائي نه ڳلا. عوام جا خيرخواهه، سياست ۾ صاف دامن، اصول پرست، نوڪري ۾ ايماندار ۽ شريف انسان. بي ريا، اجايو ڏيک ويک، رشوت ۽ سفارش کان ڪوهين ڏور. بلڪل سڌا سادا ۽ معياري مسلمان، چڱا ڀلا زميندار، پر نه اهو وڏيرڪو اڊنبو ۽ نه جاگيردارانه ارڏايون. نه خوءِ نه خودي هارين سان پائرن جهڙو ياءُ.

1939ع جو زمانو هو، سکر واري مسجد منزل گاهه جو جهيڙو چوٽ چڙيل هو. هندو مسلمان، ورهين کان گڏ رهندڙ، اڄي پاڻ ۾ ٻڪيا. ڪيترائي هندو به مئا ته مسلمان به. هندن جو زور هجي، ته سيني مسلمان ڪي، اهڙي سزا ملي جو ڪين ڇليءِ جو ڪير ياد اڄي وڃي. مسلمانن جو چوڻ هجي ته، ڪيس بنهه ڪوڙو آهي. ايترا ڏوهي، ته هو به نه آهن. برٽش حڪومت ڏٺو ته گوڙ ٿو وڌي، ان ڪري هنن ٻنهي ڌرين کي ٺارڻ لاءِ، اهڙي جج کي ڳولهيو، جنهن جي اصول پرستي ۽ انصاف پسندي، ڪوهين مشهور هجي، جيڪو باضمير هجي ۽ الله کي حاضر ناظر ڄاڻندڙ هجي. صرف پنهنجي ضمير جو آڪڻ مڃي. آخر حڪومت جي عقابي نگاهه ڪيهر مرحوم تي پئي. اهڙو مقدمو جنهن ۾ هندو مقتول ۽ مسلمان قاتل هجن ۽ جج وري به مسلمان ٿئي، هندو ڪٿي ٿا مڃين؟ پر جڏهن هنن ڪيهر جو نالو ٻڌو ته چوڻ لڳا، اسان کي قبول آهي. توڙي ڪٿي هو مسلمانن کي ڇڏي به ڇو نه ڏي. چوته هو انصاف جو پتلو ۽ بي ريا جج هو. هن جهڙو انصاف پسند حاڪم سڄي سنڌ ۾ ملڻ محال هو. وڏا نامر ڪنيا، هندو وڪيل آيا. ڪيس هليو، ڪيهر ڳالهيون ٻڌيون ۽ مسلمانن کي آزاد ڪري اهڙو فيصلو ڪيائين جو هندو، اپيل به ڪري نه سگهيا.

1954ع جي ڳالھ آهي تہ، ڪيھر مرحوم سنڌ جو وزير خوراڪ ٿيو يعنيٰ سنڌ جو ان داتا. ماڻهن جي پيٽ جو مالڪ. تن ڏينهن ۾ ڪپڙو، کنڊ ۽ اٽو ڪنٽرول تي وڪامندو هو، جيڪو کاڌ خوراڪ واري وزير جي هٿ ۾ هو. انهن جنسن جو جيڪو ٺيڪيدار ٿيو، ان کي ڄڻ تہ قارون جو خزانو ملي ويو. ان ويلي ڪيھر مرحوم سهڪندي، اچي سنڌ جي وزير اعليٰ کي ڪن ۾ چيو تہ هي فوليو ڪانئس وٺي، ڪنهن ٻئي کاتي سان گڏي، ڪنهن ٻئي وزير جي حوالي ڪيو وڃي ڇو تہ هي ڪنو ۽ خطرناڪ فوليو آهي تہ وزير اعليٰ تيرس ۾ پئجي ويو تہ هي ڪمائيءَ وارو فوليو، جنهن ۾ هڪ همراھ چند منٽن ۾ ڪروڙن جو مالڪ بنجي وڃي. ڪيھر ڏڪندي ڇو ٿو ڇڏي. هن ڪانئس پڇيو تہ ”آخر ڳالھ ڇا آهي؟ جواب ڏنائين تہ ”ساري ڄمار ۾، اڄ پهريون دفعو، هڪ واپاريءَ کي، جرئت ٿي آهي جو مون کي رشوت آڇي آهي. چوي ٿو تہ راشننگ جي ساري صوبي جي ايجنسي هن جي حوالي ڪئي وڃي، جنهن جي بدلي ۾ هو مون کي اڌ ڪروڙ روپيا ڏيندو ڇو تہ هن ڪم مان ڪيس هڪ ڪروڙ نفعو ملندو“. ان تي ڪيس وزيراعليٰ چيو تہ ”اهڙو ماڻهو پوليس جي حوالي ڇو نہ ڪجي.“ هن چيو تہ ”مذڪوره ماڻهو ايڏو وڏو آهي جو هو، ملڪ جي وزيراعظم سان گڏ، هڪ ئي ڪوچ تي ويٺل هو. ان ڪري هن کاتي ۾ ايڏي حرام خوري جي گنجائش ڏسي، منهنجو روح ڏڪي ٿو ۽ ننڊ ئي نہ ٿي اچي“. اهڙا ايماندار، نيڪ ۽ شريف النفس شخص اڄ ڪٿي ٿا ملن. جڏهن تہ جيڏانهن نظر ڪر چور بازاري، ذخيره اندوزي، رشوت ۽ سفارش جي بازار گرم لڳي پئي آهي. حرام جي ڪمائي، انسان کي فرعون بنائي ڇڏيو آهي. ماڻهپو ۽ باهمي رواداري ختم ٿي ويئي آهي. صرف پنهنجو گهر سجائڻو آهي. ٽي وي، فرج، موٽر ڪار، صوفا سيٽ، پلنگ ۽ پٽراٽيون وٺڻيون آهن. حضور ﷺ جن جو ارشاد آهي تہ ”حرام جي ڪمائي سان پاليل جسم کي، دوزخ جي باھ جو ٻڪ بنايو ويندو“.

1955ع ۾ جڏهن ون يونٽ ٺاهي، سنڌ کي غلام بنايو ويو، تڏهن هن کي وزارت جي ڪرسي پيش ڪئي ويئي، پر هن غيور پٽ سنڌ وڪڻي سيج ماڻڻ نہ قبولي ۽ ان اقتدار جي ڪرسيءَ کي لت هڻي ڇڏي.

اهڙا اصول پرست ۽ محب وطن ماڻهو اڄ گهٽ ملندا.

# ڪتابيات



| | | |
|---|---|---|
| 1 | سنڌ جي طبعي تاريخ ( ٻاگو ٻهريون) | نيازهمايوني |
| 2 | جنت السنڌ | مولائي شيدائي |
| 3 | تاريخ تمدن سنڌ | مولائي شيدائي |
| 4 | سومرن جو دور | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ |
| 5 | ڳاهن سان ڳالهيون | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ |
| 6 | تذڪره مشاهير سنڌ | مولانا دين محمد وفائي |
| 7 | تاريخ سنڌ ( ٻاگو ٻهريون ۽ ٻيون) | مولانا اعجازالحق قدوسي |
| 8 | تاريخ طاهري | مترجم : نياز همايوني |
| 9 | جڏهن جهوڪ جهريو | مترجم : رشيد ڀٽي |
| 10 | مخدوم محمد هاشم ٺٽوي | مولوي عبدالرسول قادري بلوچ |
| 11 | وتايو فقير | مرتب : عبدالقادر منگي |
| 12 | سنڌ جي درٻار | جيمس برنس |
| 13 | پراڻو پارڪر | منگهارام اوجها |
| 14 | تاريخ ريگستان | رائچند |
| 15 | تذڪره پير پاڳاره | تبسم چوڌري |
| 16 | جنم گذاريم جن سين ـــ ٻه حصا | جي ايم سيد |
| 17 | اهي ڏينهن اهي شينهن ـــ ٻه حصا | پير علي محمد راشدي |
| 18 | هو ڏوتي هو ڏينهن | پير حسام الدين راشدي |
| 19 | ڄام، ڄاموٽ ۽ ڄامڙا | علي احمد بروهي |
| 20 | مسڪين جهان خان کوسو | مجنون بلوچ |
| 21 | سه ماهي مهراڻ ـــ پير حسام الدين نمبر | پير حسام الدين راشدي |
| 22 | سه ماهي مهراڻ | آزادي نمبر |

| | | |
|---|---|---|
| 23 | ماهوار نئين زندگي | |
| 24 | الوحيد سنڌ آزادي نمبر | |
| 25 | روزانه مهراڻ سانگهڙ نمبر 1960ع | |
| 26 | منهنجي آکاڻي | مرحوم غلام محمد لغاري |
| 27 | ماڻهو مينگهه ملهار | عبدالواحد آريسر |
| 28 | جنگ مڊ ويڪ | |
| 29 | سه ماهي مهراڻ | 4/ 1987ع |